جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily AWAMI SOACH Karachi
روزاني عوامي سوچ ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه
جلد 17 | آچر 18 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 06 جمادي الاول 1448ھ | قيمت: 20 | شمارو 07

## چين سان حڪمت عملي ٻڌي جو نئون دور شروع ڪرڻ چاهيون ٿا، شنگھائي اليڪٽرڪ سنڌ جي اهم ترقياتي ڀاڱيدار آهي: مراد علي شاھ

ڪراچي لاءِ سمنڊ جو پاڻي مٺو ڪرڻ جو وڏو منصوبو ۽ ٿر ۾ ڪوئلي مان ڪيميڪل ٺاهڻ وارين صنعتن لڳائڻ جي دعوت

هن چيني توانائي ۽ انجنيئرنگ ڪمپني کي پاڻي جي ڊيسيلينيشن، نوانيل توانائي، انرجي اسٽوريج، ڪوئلي جي ويليو ايڊيشن صنعتن ۽ انساني وسيلن جي ترقيءَ ۾ سيڙپڪاريءَ ذريعي سنڌ ۾ پنهنجي ڪم کي وڌائڻ جي دعوت ڏني

ٻنهي ڌرين سنڌ ۾ هلندڙ منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ جي نون موقعن تي غور ڪيو. وڏي وزير شنگھائي اليڪٽرڪ کي سنڌ جي سڀ کان اهم ترقياتي ڀاڱيدارن مان هڪ قرار ڏنو

ٿربلاڪ_1 انٽيگريٽيڊ ڪول مائن اينڊ پاور پراجيڪٽ ۾ ڪمپني جي تاريخي سيڙپڪاريءَ کي پاڪستان جي توانائي جي منظرنامي کي تبديل ڪرڻ ۽ مقامي توانائي وسيلن جي اقتصادي اهميت کي ثابت ڪرڻ جو ڪريڊٽ ڏنو

شنگھائي اليڪٽرڪ جي ٿر ۾ سيڙپڪاري هڪ گيم چينجر (ڏينهن مٽائيندڙ) رهي آهي. ٿربلاڪ_1 منصوبي جي ڪاميابيءَ ثابت ڪيو آهي تہ پاڪستان جا پنهنجا وسيلا ملڪ جي توانائي جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا

ان سان گڏ اسان جي سڀ کان پوئتي پيل علائقن مان هڪ ۾ اقتصادي ترقي کي اڳتي وڌائي سگهن ٿا. ٿر ڀاڱيداري توانائي ۽ روزگار فراهم ڪري ٿي: مراد علي شاھ

شنگھائي، چين (م ر د) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاھ شنگھائي اليڪٽرڪ گروپ سان حڪمت عملي ٻڌي جي هڪ نئين دور جو سڌ ڏنو جنهن ۾ هن چيني توانائي ۽ انجنيئرنگ ڪمپني کي پاڻي جي ڊيسيلينيشن، نوانيل توانائي، انرجي اسٽوريج، ڪوئلي جي ويليو ايڊيشن صنعتن ۽ انساني وسيلن جي ترقيءَ ۾ سيڙپڪاريءَ ذريعي سنڌ ۾ پنهنجي ڪم کي وڌائڻ جي دعوت ڏني. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

## نوجوانن کي راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ برابر موقعا فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي: وزيراعظم

نوجوانن کي راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ برابر موقعا فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي، راندين جي فروغ لاءِ اجتماعي ڪوششون، تربيت يافتہ ڪوچز ۽ مناسب وسيلا فراهم ڪرڻا پوندا

نوجوان رانديگرن کي بنا ڪنهن فرق جي موقعا فراهم ڪيا ويندا، جتي بہ ٽيلنٽ موجود آهي، حڪومت ان کي ڀرپور انداز ۾ فروغ ڏيندي، پاڪستاني رانديگرن ايشين گيمز ۾ ٻہ چاندي ۽ اٺ ڪانسي جا تمغا کٽي ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي

راندين جي شعبي ۾ وڌيڪ قدمن تي مشاورت لاءِ جلد اسپورٽس ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي ايشين گيمز ۾ تمغا کٽيندڙ رانديگرن جي اعزاز ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب

تقريب ۾ اطلاعات ۽ نشريات جو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، وزيراعظم جي يوٿ پروگرام جو چيئرمين راڻا مشهود احمد خان، قومي هاڪي ٽيم جو اڳوڻو ڪپتان ۽ اولمپئن حسن سردار ۽ اڳوڻو عالمي اسڪواش چيمپيئن جهانگير خان پڻ موجود هئا

ايشين گيمز ۾ رانديگرن ڏينهن رات محنت ۽ والدين جي دعا سان ٻہ چاندي ۽ اٺ ڪانسي جا تمغا کٽي ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي، پر اڃا بہ اڳتي وڌڻ جي گهڻي گنجائش آهي

هاڪي جي ميدان ۾ هڪ وقت ۾ پاڪستان جي هاڪ هُوندي هُئي. حسن سردار، شهناز شيخ، شهباز سينيئر، شهباز جونيئر، اختر رسول ۽ ٻين رانديگرن دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف ملڪ ۾ راندين جي فروغ ۽ رانديگرن جي سرپرستي لاءِ جامع حڪمت عملي جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ نوجوانن کي راندين جي ميدان ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ برابر موقعا فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي، راندين جي فروغ لاءِ اجتماعي ڪوششون، تربيت يافتہ ڪوچز ۽ مناسب وسيلا فراهم ڪرڻا پوندا، نوجوان رانديگرن کي بنا ڪنهن فرق /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

## معدني وسيلا عوام جي خوشحاليءَ لاءِ استعمال ڪنداسين: فيصل ڪريم ڪنڊي

صوبي ۾ امن امان قائم ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ دهشتگرديءَ خلاف جاري ڪوششن تي ڪا بہ سوديبازي نہ ڪئي ويندي

جمعيت علماءِ اسلام (ف) جو سربراهہ مولانا فضل الرحمان تجربيڪار ۽ سياست جي معاملن کي سمجهندڙ اڳواڻ آهي

مولانا فضل الرحمان ماضيءَ ۾ بہ صوبي ۾ امن امان جي خراب صورتحال جو ذڪر ڪندو رهيو آهي

خيبر پختونخوا (م ر د) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي تہ صوبي ۾ امن امان ق/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

## مولانا فضل الرحمان جو پاڪ فوج بابت تڪراري بيان، سياسي ۽ ڪاروباري اڳواڻن جي مذمت

پاڪ فوج پاڪستان جي دفاع جي ضامن آهي، سرحدن تي ڏينهن رات پهرو ڏيندڙ جوانن جي قربانين تي فخر آهي

مولانا فضل الرحمان جو پاڪ فوج خلاف بيان پاڪستانين ۽ ڪشميرين جي جذبات کي تڪليف پهچائڻ جي برابر آهي

مظفرآباد (م ر د) آزاد ڪشمير جي سياسي ۽ ڪاروباري اڳواڻن مولانا فضل الرحمان جي پاڪ فوج /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪندي

## مولانا کي چونڊن ۾ شڪست کان پوءِ 1971ع ياد اچي ويو: طلال چوڌري

خيبرپختونخواهہ ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جو لاڳو ڪو بہ اهڙو سياسي قدم نہ هو

جنهن جو مقصد پي ٽي آءِ جي حڪومت کي هٽائي صوبي ۾ مسلم ليگ(ن) جي موجودگي کي مضبوط بڻائڻ هجي

اهو هڪ انتظامي قدم آهي، انهي کي صرف هڪ نڪاتي ايجنڊا، دهشتگردي خلاف جنگ جي تحت جوڙيو ويو

لاهور (م ر د) مملڪتي وزير طلال چوڌري جمعيت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان تي تنقيد ڪئي آهي. جڙانوالہ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي طلال چوڌري زور ڏنو تہ خيبرپختونخواهہ ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جو لا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

## ملڪ ۾ مهانگائي وڌڻ جي ساليانی شرح 11.38 سيڪڙو رڪارڊ، شماريات کاتي رپورٽ جاري ڪري ڇڏي

ساليانی بنياد تي بصر 75.19 سيڪڙو ۽ ايل پي جي 68.95 سيڪڙو مهانگي ٿي

بجلي چارجز ۾ 25.59 سيڪڙو جو اضافو ٿيو، هڪ سال ۾ پيٽرول 49.6 سيڪڙو ۽ ڊيزل 43.98 سيڪڙو مهانگو ٿيو

هڪ سال ۾ اٽي جي قيمتن ۾ 35.13 سيڪڙو اضافو ۽ ڪڪڙ جو گوشت 20.77 سيڪڙو مهانگو ٿيو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي اداري شماريات مهانگائي بابت رپورٽ جاري ڪري ڇڏي آهي جنهن موجب ملڪ ۾ مهانگائي وڌڻ جي ساليانی شرح 11.38 سيڪڙو رڪارڊ ڪئي وئي آهي. وفاقي اداري شماريات کاتي جي رپورٽ موجب ساليانی بنياد تي بصر 75.19 سيڪڙو ۽ ايل پي جي 68.95 سيڪڙو مهانگي ٿي جڏهن تہ بجلي چارجز ۾ 25.59 سيڪڙو جو اضافو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

## غربت جي چڪر کي ٽوڙڻ جي ضرورت آهي، بي آءِ ايس پي جهڙا قدم غربت جي خاتمي ۾ مددگار آهن: آصفہ ڀٽو

غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي منهنجون نيڪ خواهشون ۽ دعائون انهن لکين عورتن، ٻارن ۽ خاندانن سان گڏ آهن

جيڪي گهر جو چلهو ٻارڻ، مٿي تي ڇت برقرار رکڻ ۽ پنهنجي ٻارن جي لاءِ بهتر مستقبل جي تعمير جي لاءِ روزانو جدوجهد ڪن ٿا

غربت جي هر انگن اکرن جي پٺيان هڪ انساني چهرو، هڪ خاندان ۽ جدوجهد جي هڪ ڪهاڻي هوندي آهي

جنهن جو مقصد ٻوڏ کان متاثر خاندانن جي لاءِ موسمياتي تبديلين جو مقابلو ڪندڙ 21 لک گهر ٻيهر تعمير ڪرڻ آهي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري غربت جي چڪر کي ٽوڙڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ بينظير تعليمي وظيفا جهڙا قدم ڪمزور طبقن کي بااختيار بڻائڻ ۽ غربت ۾ گهٽتائي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

### لاڙڪاڻو سيد برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل

لاڙڪاڻو (م ر د) قمبر پرسان مهي مڪول ٽاٽي جي حد ڳوٺ حاڪم شاھ ٽائنريو ۾ سيد ذات جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

### ميهڙ ۾ جهيڙو، فائرنگ، واٽهڙو نينگري قتل، وارثن جو احتجاج

ميهڙ (رپورٽر) ميهڙ پرسان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، فائرنگ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

### گهريلو معاملي تان ٻن ڀائرن وچ ۾ جهيڙي جي نتيجي ۾ وڏي ڀاءُ مبينا طور ننڍي ڀاءُ تي حملو ڪري قتل ڪري ڇڏيو

مٺي (م ر د) گهريلو معاملي تان ٻن ڀائرن وچ ۾ جهيڙي جي نتيجي ۾ وڏي ڀاءُ مبينا طور ننڍي ڀ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي ترقياتي منصوبي جو دورو ڪندي

### ڪراچي ۾ پوليس مقابلا، 3 زخمين سميت 4 جوابدار گرفتار

نيو ڪراچي سيڪٽر 11_جي ۾ مقابلي ڪانپوءِ هڪ زخمي سميت ٻن مبينا ڦورن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار، موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) شهر جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلن دوران ٽن زخمين سميت 4 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

## مستونگ، هٿياربندن پاران پوليس جا 20 تربيت هيٺ اهلڪار اغوا

اهلڪار هفتي جي موڪل تي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا تہ هٿياربندن سندن وين کي روڪي ورتو

ها، هفتي جي موڪل تي گهر ويندڙ پوليس جا 20 اهلڪار مستونگ ۾ ڪوئيٽا_ڪراچي شاهراهہ تي مسافر وين ۾ سفر ڪري رهيا هئا

موٽرسائيڪلن تي سوار ۽ خودڪار هٿيارن سان ليس هٿياربندن جي هڪ ٽولي وين کي روڪي اهلڪارن کي گاڏيءَ سميت ڪنهن اڻڄاتل هنڌ ڏانهن کڻي ويا

ڪوئيٽا (م ر د) اڻڄاتل هٿياربندن مستونگ ضلعي ۾ ڪوئيٽا_ڪراچي شاهراهہ تي مسافر وين ۾ سفر ڪندڙ پوليس جي 20 تربيت هيٺ اهلڪارن کي اغوا ڪري ورتو آهي اهلڪار قلات پوليس ٽريننگ سينٽر ۾ تربيت حاصل ڪري رهيا هئا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف تقريب کي خطاب ڪندي

## بلوچستان: چاغي ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 2 دهشتگرد مارجي ويا

انهي دوران سيڪيورٽي فورسز ضلعي چاغي جي علائقي دالبندين ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن

ڪوئيٽا (م ر د) بلوچستان جي ضلعي چاغي ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن جي نتيجي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي فورسز جو بلوچ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

## سڄي صوبي ۾ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪيترن ئي قدمن تي ڪم ڪري رهي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌيڪ بهتر، جديد ۽ ماحول دوست بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، جڏهن تہ بسن جي پهرين کيپ نومبر 2026ع تائين ڪراچي پهچي ويندي

سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ شنگھائي ۾ بسون ٺاهيندڙ ڪمپنين جي اختيارين سان اهم ملاقاتون ڪيون

سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سان يوٽونگ بس ٺاهيندڙ ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مسٽر رابن شين ملاقات ڪئي، جنهن دوران ڪمپني پاران سنڌ ۾ اليڪٽرڪ بسون متعارف ڪرائڻ لاءِ سهڪار ۽ معاونت جي آڇ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌيڪ بهتر، جديد ۽ ماحول دوست بڻائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، جڏهن تہ بسن جي پهرين کيپ نومبر 2026ع تائين ڪراچي پهچي ويندي. ان سلسلي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

اسلام آباد: وفاقي وزير سيد عمران احمد شاھ سي اي او زڪوات فائونڊيشن گلدستو پيش ڪندي

## علي امين گنڊاپور گرفتار، ٻڌڻي 27 نومبر تائين ملتوي

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج حاڪم خان بڪر ڪئي

جنهن ۾ علي امين گنڊاپور پاران وڪيل راجا ظهور پيش ٿيو

اسلام آباد (بيورو) اڳوڻي وڏي وزير علي امين گنڊاپور جي آڊيوليڪ ڪيس ۾ سنڌس وڪيل راجا ظهور عدالت کي آگاهہ ڪيو آهي تہ علي امين گ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

## دهليءَ ۾ احتجاج، اپيجيت ديپڪي گرفتار، نيها بورا آزاد

آل انڊيا اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن (اي آءِ ايس اي) جي سربراهہ نيها بورا کي اڄ صبح آزاد ڪيو ويو

پوليس اپيجيت ديپڪي خلاف پارٽي شهري تحفظ قانون جي مختلف شقن تحت ڪارروائي ڪئي

نئين دهلي (م ر د) پارٽي پوليس احتجاجي مارچ کان اڳ ڪاڪروچ جنتا پارٽي (سي جي پي) جي باني اڳواڻ اپيجيت ديپڪي کي امن امان جي ام/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

## چاغي ۾ فورسز جو آپريشن، 2 گهربل دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگرد ڪوئيٽا_تفتان شاهراهہ تي مسافرن کي هراسان ڪرڻ ۾ ملوث هئا

ڄاڻايل دهشتگرد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ وارين سرگرمين ۾ پڻ ملوث هئا

چاغي (م ر د) سيڪيورٽي فورسز ضلعي چاغيءَ جي علائقي دالبندين ۾ انٽيليجنس بنيادن تي آپريشن ڪري ٻن گهربل دهشتگردن کي ماري ڇڏيو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

## پشاور اسڪول ڇت حادثو، رپورٽ سي سي پي او حوالي

اسڪول جي ڇت ڪرڻ جي اطلاع صبح 9 لڳي 5 منٽن تي ملي

جنهن کانپوءِ ريسڪيو 1122 ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي واقعي واري هنڌ طلب ڪيو ويو

پشاور (م ر د) پشاور جي علائقي دير ڪالونيءَ ۾ خانگي اسڪول جي ڇت ڪرڻ واري واقعي بابت رپورٽ ايس ايس پي آپريشنز پاران سي سي پي او ڏانهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

## پنجاب ۾ سي ٽي ڊي جون ڪارروايون، 8 دهشتگرد گرفتار

گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ شهزاد، محمود، نعمان، عدنان ۽ فاروق جي نالن سان ڪئي وئي

جوابدارن وٽان ڌماڪيدار مواد، هٿ جا بم ۽ ٻہ ڊيٽونيٽر هٿ ڪيا ويا آهن

لاهور (م ر د) پنجاب ۾ ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ (سي ٽي ڊي) مختلف ڪارروايون دوران 8 دهشتگردن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

اسلام آباد: وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثنا الله سان وزيراعظم آزاد ڄمون ڪشمير ملاقات ڪندي

شنگھائي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاھ سان چيني ڪمپني جو دورو ڪندي

### راڻا ثناءُ الله سان آزاد ڪشمير جي وزيراعظم سيد افتخار علي گيلاني جي ملاقات

اسلام آباد (بيورو) بين الصوبائي رابطن بابت وزيراعظم جي صلاحڪار سينيٽر راڻا ثناءُ الله سان آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

### ناڻي واري وزير جي ابوظهبي ڪمرشل بينڪ جي وفد سان ملاقات

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري وزير سينيٽر محمد اورنگزيب ٿائيلينڊ جي شهر بينڪاڪ ۾ عالمي بينڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

## پيپلز پارٽي ڪڏهن بہ اقتدار جي لالچ نہ ڪئي آهي، اسان هٿياربند فوج سان گڏ آهيون: شرجيل ميمڻ

معصوم ماڻهن جو رت وهندو رهيو، جوان شهيد ٿيندا رهيا، پي ٽي آءِ دهشتگردن جون آفيسون کولرائڻ جون ڳالهيون ڪندي رهي

پي ٽي آءِ وٽ خيبرپختونخواهہ ۾ سياسي بحران جو الزام پاڻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ جو جواز نہ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينئر صوبائي وزير شرجيل ان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

### غربت جو خاتمو اسان سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي: شهباز شريف

حڪومت عوام جي معاشي ۽ سماجي ترقي جي لاءِ نئوں حڪمت عملي تي عمل ڪري رهي آهي: وزيراعظم

اڻبرابري ۾ گهٽتائي، ترقي جي برابر موقعن جي فراهمي جي لاءِ گڏيل، موثر ۽ عملي قدمن جي عزم جو ورجاءُ

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف قومي ۽ عالمي سطح تي غربت جي خاتمي، اڻبرابري ۾ گهٽتائي، ترقي جي برابر موقعن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

### ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

## پاڪستان جي سرحدن تي جارحيت برداشت نہ ڪنداسين: جنرل عامر رضا

پاڪ فوج ملڪ جي هر حصي جي حفاظت لاءِ هر وقت تيار آهي ۽ سرحدن جي حفاظت جو عزم مضبوط آهي

پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ڪاڪول ۾ 154هين پي ايم اي لانگ ڪورس ۽ 39هين ٽيڪنيڪل گريجوئيٽ ڪورس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ منعقد ڪئي وئي

ايبٽ آباد (م ر د) نيشنل اسٽريٽجڪ ڪمانڊ جي ڪمانڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

## باعزت روزگار ۽ بنيادي سهولتن تائين منصفاڻي پهچ جي ذريعي ڪوششون جاري رکڻ جي ضرورت آهي: صدر

غربت ۾ گهٽتائي جي لاءِ موثر سماجي تحفظ، باعزت روزگار ۽ بنيادي سهولتن تائين منصفاڻي پهچ جي ذريعي ڪوششون جاري رکڻ جي ضرورت تي زور

معاشي مشڪلاتن ۾ ورتل خاندانن جو تحفظ ۽ هر شهري کي بنيادي ضرورتن ۽ بهتر زندگي جي موقعن جي فراهمي يقيني بڻائڻ ضروري آهي

سماجي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ روزگار جا موقعا وڌائڻ ۽ تعليم، صحت ۽ مناسب رهائش تائين پهچ بهتر بڻائڻ جي لاءِ مسلسل قدم لازمي آهن

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري غربت ۾ گهٽتائي جي لاءِ موثر سماجي تحفظ، باعزت روزگار ۽ بنيادي سهولتن تائين منصفاڻي پهچ جي ذريعي ڪوششون جاري رکڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ معاشي مش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

## ناڻي واري وفاقي وزير جي، يو اين ڊي پي جي ايڊمنسٽريٽر سان ملاقات، ترقياتي مالي معاونت ۽ موسمياتي خطرن کي منهن ڏيڻ تي ڳالهيون

غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي منهنجون نيڪ خواهشون ۽ دعائون انهن لکين عورتن، ٻارن ۽ خاندانن سان گڏ آهن

جيڪي گهر جو چلهو ٻارڻ، مٿي تي ڇت برقرار رکڻ ۽ پنهنجي ٻارن جي لاءِ بهتر مستقبل جي تعمير جي لاءِ روزانو جدوجهد ڪن ٿا

غربت جي هر انگن اکرن جي پٺيان هڪ انساني چهرو، هڪ خاندان ۽ جدوجهد جي هڪ ڪهاڻي هوندي آهي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول بي بي آصفہ ڀٽو زرداري غربت جي چڪر کي ٽوڙڻ جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي تہ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام ۽ بينظير تعليمي وظيفا جهڙا قدم ڪمزور طبقن کي بااختيار بڻائڻ ۽ غربت ۾ گهٽت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

## سنڌ جي وحدت تي ڪو بہ ٺاهہ نہ ڪنداسين: ڊاڪٽر قادر مگسي

ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيچيني جي لهر ڇانيل آهي، عوام سخت معاشي مشڪلاتن جو شڪار آهي

جيڪڏهن آءِ ايم ايف ۽ آءِ پي پيز کي ادائيگيون ڪرڻ بدران عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي

ملڪ ۾ اٽو 25 رپيا في ڪلو ۽ کنڊ 40 رپيا في ڪلو جي حساب سان دستياب ٿي سگهي ٿي

عوام تي معاشي بار وجهڻ بدران سندن بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ مهانگائي گهٽائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

سکر (بيورو) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهہ ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي تہ ملڪ ۾ مهانگائي ۽ بيچيني جي لهر ڇانيل آهي، عوام سخت معاشي مشڪلاتن جو شڪار آهي. جيڪڏهن آءِ ايم ايف ۽ آءِ پي پيز کي ادائيگيون ڪرڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

Chief guest
Chairman of senate of Pakistan
اسلام آباد: چيئرمين سينيٽ يوسف رضا گيلاني تقريب کي خطاب ڪندي

### ڪراچي ۾ قلندريہ چوڪ ويجهو پوليس مقابلو 2 مبينا ڦورو مارجي ويا

ڪراچي (رپورٽر) شهر جي قلندريہ چوڪ ويجهو شاهراهہ نورجهان تي پوليس مقابلي دوران/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

### پروفيسرن جي رٽائرمينٽ جي عمر 65 سال مقرر ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت صوبي جي يونيورسٽين جي پروفيسرز جي رٽائرمينٽ جي عمر 65 سال مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

### ڪراچي ۾ مختلف علائقن ۾ مبينہ پوليس مقابلا، 12 زخمين سميت 18 ڌوهاري گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ ڌوهارين جي وچ ۾ ٿيل مبين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

### اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ هفتيوار منفي رجحان رهيو

جنهن سبب 100 انڊيڪس 669 پوائنٽون گهٽجي 166419 پوائنٽن تي بند ٿيو

ڪاروباري هفتي دوران 100 انڊيڪس 2927 پوائنٽن جي حد اندر لاٿ چاڙهہ جو شڪار رهيو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروباري هفتي دوران منفي رجحان رهيو، جنهن سبب 100 انڊيڪس 669 پوائنٽون گهٽج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

## گهوٽڪي ۾ حادثو، عورت سميت 3 ڄڻا فوت، 5 زخمي

سرحد ريسٽ ايريا ويجهو مزدا گاڏي جو بيهيل ٽرالر سان پٺيان زوردار ٽڪر ٿيڻ سبب عورت سميت 3 ڄڻا فوت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا

فوتين ۽ زخمين کي گهوٽڪي جي تعلقہ اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتين ۾ عبدالرئوف ڪوڪر، عاشق حسين ۽ هڪ عورت صفيا زال محمد قاسم شامل آهن

زخمين ۾ عبدالغني، آصف، مسمات سرور بي بي، نسرين بي بي ۽ مسمات خورشيد بي بي شامل آهن

گهوٽڪي (رپورٽر) گهوٽڪي پرسان ايم فائيو موٽروي تي خوفناڪ حادثو، لاش کڻي ويندڙ جي مزدا بيهيل ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، عورت سميت 3 ڄڻا فوت، 5 زخمي ٿي پيا. ايم فائيو موٽروي تي سرحد ريسٽ ايريا ويجهو مزدا گاڏي جو بي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
آچر 18 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 06 جمادي الاول 1448 ھ

# ڊجيٽل سنڌ جو خواب

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جو چين جي شهر شنگهائي جو دورو، اتي جي ميئر سان ڪراچي ۽ شنگهائي وچ ۾ جاڙن شهرن جي ڀائيواري قائم ڪرڻ بابت ڳالهه ٻولهه ۽ عالمي ٽيڪنالاجي ڪمپني هواوي سان مصنوعي ذهانت تي ٻڌل ڊجيٽل سنڌ قائم ڪرڻ لاءِ ياداشت نامي تي صحيحون، سنڌ جي ترقيءَ ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي آهي. موجوده دور ۾ دنيا تيزيءَ سان جديد ٽيڪنالاجي، مصنوعي ذهانت ۽ ڊجيٽل معيشت ڏانهن وڌي رهي آهي، تنهنڪري سنڌ لاءِ به ضروري آهي ته جديد علم ۽ ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو وٺي عوامي سهولتن کي بهتر بڻائي ۽ نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري.

ڪراچي ۽ شنگهائي وچ ۾ سهڪار سان شهري رٿابندي، عوامي آمدرفت، بنيادي ڍانچي، سيڙپڪاري ۽ سمارٽ سٽي نظام جي ترقيءَ جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا. ڪراچيءَ کي ٽريفڪ جي بي ترتيبي، ٽرانسپورٽ جي کوٽ، برساتي پاڻيءَ جي نيڪال ۽ شهري ٻوڏ جهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. شنگهائي جي تجربن مان سکندي ڪراچي سرڪلر ريلوي، ٽريفڪ جي نگراني ۽ هنگامي حالتن بابت اڳواٽ خبرداريءَ جا نظام بهتر بڻائي سگهجن ٿا. پر ان لاءِ ضروري آهي ته منصوبن کي رڳو اعلانن تائين محدود رکڻ بدران عملي طور مڪمل ڪيو وڃي.

هواوي سان ٿيل معاهدي ۾ سرڪاري ادارن جي ڊجيٽلائيزيشن، صوبائي ڪلائوڊ ۽ ڊيٽا سينٽر، سائبر سيڪيورٽي، سمارٽ سٽي نظام ۽ نوجوانن جي فني تربيت شامل آهن. جيڪڏهن انهن منصوبن تي شفافيت ۽ سنجيدگيءَ سان عمل ٿيو ته سرڪاري آفيسن ۾ غيرضروري دير گهٽجي سگهي ٿي، شهرين کي آن لائين سهولتون ملي سگهن ٿيون ۽ سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي بهتر ٿي سگهي ٿي. مصنوعي ذهانت جي مدد سان شهري مسئلن جي سڃاڻپ، وسيلن جي بهتر ورهاست ۽ برساتن دوران بروقت خبرداريءَ ۾ پڻ مدد ملي سگهي ٿي.

هن ڀائيواريءَ جو اهم پاسو سنڌ جي نوجوانن کي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي تربيت ڏيڻ آهي. سنڌ ۾ ڪيترائي نوجوان تعليم حاصل ڪرڻ باوجود روزگار کان محروم آهن. جيڪڏهن کين مصنوعي ذهانت، سافٽ ويئر، سائبر سيڪيورٽي ۽ ٻين جديد شعبن ۾ عملي تربيت ۽ سرٽيفڪيشن جا موقعا فراهم ڪيا وڃن ته هو مقامي توڙي عالمي روزگار جي ميدان ۾ اڳتي وڌي سگهن ٿا. ان لاءِ يونيورسٽين، فني ادارن ۽ خانگي ڪمپنين وچ ۾ سهڪار وڌائڻ سان گڏ ٻهراڙين جي نوجوانن کي به برابر موقعا ڏيڻ ضروري آهي.

ڊجيٽل سنڌ جي قيام سان گڏ شهرين جي ذاتي معلومات جي حفاظت، سائبر حملن کان بچاءُ، مقامي ماهرن جي تربيت ۽ عوام جي پئسي جي شفاف استعمال کي يقيني بڻائڻ به لازمي آهي. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته هر منصوبي لاءِ واضح مدي، بجيٽ ۽ ذميوار ادارن جو تعين ڪري، جڏهن ته اڳڀرائيءَ بابت عوام کي باقاعده آگاهه ڪيو وڃي. ڊجيٽل ترقيءَ جا فائدا رڳو ڪراچي تائين محدود نه هجن، پر حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، ميرپورخاص ۽ ٻهراڙين تائين به پهچڻ گهرجن.

سنڌ ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ضرورت پنهنجي جاءِ تي اهم آهي، پر بجلي، انٽرنيٽ، تعليم، صحت، پاڻي ۽ ٽرانسپورٽ جهڙين بنيادي سهولتن کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ٽيڪنالاجي تڏهن ئي فائديمند ثابت ٿيندي، جڏهن اها عام ماڻهن جا حقيقي مسئلا حل ڪندي.

سنڌ حڪومت ۽ هواوي وچ ۾ ٿيل معاهدو ۽ شنگهائي سان سهڪار جا امڪان هڪ مثبت موقعو آهن، پر ڪاميابيءَ جو اصل معيار صحيحون يا اعلان نه، پر عملي نتيجا آهن. جيڪڏهن حڪومت شفافيت، جوابدهي، مقامي صلاحيتن جي واڌاري ۽ وقت سر عملدرآمد کي يقيني بڻائي ته ڊجيٽل سنڌ جو خواب حقيقت بڻجي سگهي ٿو ۽ صوبي جي نوجوانن توڙي عام شهرين لاءِ ترقيءَ جا نوان در کلي سگهن ٿا.

# سانحو ڪارساز جمهوريت جي رت سان لکيل تاريخ، وفا جي لازوال داستان

تحرير: شرجيل انعام ميمڻ

تاريخ جي سيني تي ڪي سانحا اهڙا نقش ٿي وڃن ٿا جن کي وقت جي ڪا به هوا مٽائي نٿي سگهي. وقت ڪيترن ئي زخمن تي مٽي وجهي ڇڏيندو آهي، نسلون بدلجي وينديون آهن، تخت و تاج نون وارثن حوالي ٿي ويندا آهن، پر ڪي ڏينهن انسانن جي يادگيري تي ئي نه، پر قومن جي اجتماعي ضمير تي به ثبت ٿي ويندا آهن. 18 آڪٽوبر 2007 به اسان جي قومي تاريخ جو اهڙو ئي هڪ ڏينهن آهي؛ هڪ اهڙو ڏينهن جنهن جي صبح جمهوري اميدن جي روشني سان ڀريل هئي، جنهن جي شام عوامي محبت جي بي مثال اظهار سان ڀرپور هئي، پر جنهن جي رات بارود جي بو، رت جي سرخي، مائرن جي آهه، ڀينرن جي سڏڪن ۽ يتيم ٻارن جي بي وسي حوالي ٿي وئي.

سانحو ڪارساز رڳو هڪ دهشتگرد حملي جو نالو ناهي، پر اهو ان دور جي سياسي تاريخ جو هڪ رت سان ڀريل باب آهي جنهن ۾ پاڪستان جي عوام جي جمهوري خواهشن کي خوف ۾ قيد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اها انهن بيشمار انسانن جي قربانين جي داستان آهي جيڪي پنهنجي اڳواڻ، شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي استقبال لاءِ گهرن مان نڪتا هئا؛ جن جي دلين ۾ اميد جا ڏيئا روشن هئا؛ جن جي نگاهن ۾ هڪ جمهوري، منصفانه ۽ باوقار پاڪستان جو خواب هو.

18 آڪٽوبر 2007 تي جڏهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو اٺن سالن جي جلاوطني کان پوءِ وطن واپس وري ته ڪراچي جون شاهراهون عوامي محبت جي هڪ بي مثال منظر جي شاهد بڻجي ويون. شهر جو ڪوچو و بازار، گهٽيون ۽ رستا، هر طرف انسانن جو ٺاٺون ماريندڙ سمنڊ نظر اچي رهيو هو. هي رڳو هڪ سياسي اڳواڻ جي وطن واپسي نه هئي؛ هي هڪ ڏکي سياسي جدوجهد جي نئين باب جي شروعات هئي. محترمه بينظير ڀٽو جو قافلو شاهراه فيصل کان ٿيندو ڪارساز جي علائقي ۾ پهتو ته ٻن پٺ ورتي ڌماڪن فضا کي لوڏي ڇڏيو. ڪجهه لمحن ۾ جشن استقبال ماتم ۾ بدلجي ويو. خوشي جا نعرا رڙين ۾ تبديل ٿي ويا ۽ اها شاهراه جتي عوام پنهنجي اڳواڻ سان محبت جي اظهار لاءِ گڏ هئي، انساني رت سان رنگين ٿي وئي.

مختلف تاريخي رپورٽن مطابق هن حملي ۾ لڳ ڀڳ ٻه سو ماڻهو شهيد ٿيا ۽ پنج سو کان وڌيڪ زخمي ٿيا. هر انگ اکر جي پٺيان هڪ پوري زندگي هئي؛ هڪ گهر هو، هڪ خاندان هو، هڪ ماءُ جي دعا هئي.

پاڪستان پيپلز پارٽي لاءِ سانحو ڪارساز جي ياد ان ڪري به غير معمولي اهميت رکي ٿي جو اهو ان جي ڪارڪنن جي بي مثال وابستگي، وفاداري ۽ سياسي استقامت جو استعارو بڻجي چڪو آهي.

اڃان هن سانحي جو هڪ ٻيو دردناڪ موڙ ڏيکاريو هو. 27 ڊسمبر 2007 تي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ محترمه بينظير ڀٽو کي هڪ ٻئي حملي ۾ شهيد ڪيو ويو. ڪارساز کان لياقت باغ تائين جو هي فاصلو رڳو جاگرافيائي نه هو.

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت کان پوءِ سندن مڙس آصف علي زرداري جو نعرو ”پاڪستان کپي“ قومي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم علامت طور سامهون آيو.

اڄ بلاول ڀٽو زرداري ۽ پارٽي جي نئين نسل جي سامهون هي تاريخي ذميواري موجود آهي ته هو پنهنجي سياسي ورثي کي رڳو يادگار تقريبن تائين محدود نه رکن.

سانحي ڪارساز جي شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو سڀ کان معتبر طريقو اهو آهي ته انهن جي ياد کي عوامي خدمت، آئيني حڪمراني، سماجي انصاف ۽ انساني وقار جي تحفظ سان وابسته ڪيو وڃي. اچو، شهيدن ڪارساز جي ياد کي هڪ زنده عهد ۾ تبديل ڪريون. اهڙو عهد جنهن ۾ انساني جان جو احترام اولين اصول هجي، آئين جي بالادستي ناقابل سمجهوتو هجي، انصاف جي فراهمي رياستي ذميواري سمجهي وڃي. شهيدن ڪارساز کي اسان جو سلام.

# ووٽ واعدا، وسريل ڳوٺ

صالح شريف پيرزادو

نصيرآباد پرسان وسندڙ تاريخي ڳوٺ مياندادچنجٽي جيڪو ڪنهن وقت پ پ پ جي سيني تي ٽڪ هٽندڙ ڳڙهه سڏبو هو اڄ انهي ئي پارٽي جي چونڊيل نمائندن جي بي حسي ۽ ڪامورن جي اکين اڳيان ويران ۽ وسريل بڻجي ويو آهي، هتي هر اليڪشن تي وڏا واعدا، وڏيون دعوائون ۽ ترقي جا سنهري خواب ڏيکاري ووٽ وٺي وري ايندڙ پنجن سالن تائين هن ڳوٺ ڏانهن ڪنهن به ورائي نهاريو به ناهي، 2005 کان 2026 تائين لڳاتار اقتدار ۾ رهندڙ نمائندن جي ڪارڪردگي جيڪڏهن ڏسجي ته اها پڙي کان به هيٺ آهي، ڇا هي انصاف آهي ته جيڪو ڳوٺ يوسي جو درجو رکي ٿو انهي ڳوٺ ۾ ئي يوسي آفيس جو وجود نه هجي؟

2005 ع ۾ ٺهندڙ يوسي آفيس جيڪا اڄ تائين افتتاح جي آس ۾ کنڊر بڻجي وئي آهي ان جون ٽٽل ديوارون، ڪريل دريون ۽ ويران ڪمرا چونڊيل نمائندن جي ضمير کان سوال پڇن ٿا ته آخر توهان ڪٿي ستا پيا آهيو؟ ڇا توهان کي خبر ناهي ته هن آفيس نه هجڻ سبب هڪ غريب هاري پنهنجي ٻار جي ڄم پرچي لاءِ به نصيرآباد تائين سڄو ڏينهن در بدر ٿيندو آهي؟ ڇا توهان جو ضمير ايترو مري چڪو آهي جو هڪ مسڪين جي تڪليف به توهان کي نظر نٿي اچي؟

اڃان اکيون کوليو، پرائمري اسڪول ڏسو جيڪو 15 سالن کان موت جي ڪُن ۾ آهي، ديوارون ڊهي پيون، ڇت جا ڇاپڙ معصوم ٻارڙن جي مٿان ڪري رهيا آهن، فرنيچر جو ته تصور به ناهي، مٽي پاڻي جو ڦڙو به ناهي، ڇا اوهان جا پنهنجا ٻار اهڙي اسڪول ۾ پڙهي سگهن ٿا؟ پوءِ غريب جو ٻار ڇو؟ ڇا تعليم صرف اميرن جو حق آهي؟ هي اسڪول ناهي هي غريبن جي اميدن جو قبرستان آهي جنهن جا ذميوار توهان آهيو. توهان جي خاموشي ۽ توهان جي ڪرپشن آهي.

۽ 2018 کان وٺي هن ڳوٺ ۾ بجلي جو هڪ بلب به نٿو ٻري، طوفان ۾ ڪريل ٿنيا اڃا تائين زمين تي پيل آهن، اٺ سال گذري ويا اڃان توهان ۾ احساس ڪڏهن پيدا ٿيندو، هن سخت گرمي ۾ جتي گرمي پد 50 ڊگري تي پهچي ٿو اتي هي پوڙها، معصوم ٻار، بيمار مائرون بغير پکي جي، اونده ۾، مڇرن ۾ راتيون جاڳي گذارين ٿيون، ڇا توهان جي دل ۾ ٿورو به رحم ناهي؟ ڇا توهان جي گهر ۾ به اونده آهي؟ توهان جا بنگلا ايئرڪنڊيشن ۾ آهن، توهان جي ٻارن کي خبر به ناهي ته بجلي جي وڃڻ کان پوءِ ڇا ٿيندو آهي.

سڀ کان وڏو ظلم پاڻي جو آهي، واٽر سپلاءِ اسڪيم ڪاغذن ۾ هلي ٿي زمين تي مڪمل ناڪاره آهي، پاڻي لاءِ هتي ماڻهو نه پر جانورن وانگر سڄو ڏينهن گڏهه گاڏن، رڪشن تي گيالون کڻي 6 ڪلوميٽر سفر ڪن ٿا، پاڻي ڀري اچڻ به جهاد آهي، ڇا هي 2026 جو پاڪستان آهي؟ ڇا هي شهيد راڻي جي پارٽي جو منشور آهي؟ وري چون ٿا ته اسان ترقي جو ڄار وڇايو آهي، ڪٿي آهي اهو ڄار؟ اهو ڄار صرف توهان جي ڪرپشن جي چوڌاري وڇايل آهي جنهن ۾ غريب جو حق ڦاسي پيو آهي.

يوسي جي هر مهيني جي بجيٽ، ڪروڙن جو ترقياتي فنڊ آخر ڪيڏانهن وڃي ٿو؟ ڇا توهان جو ضمير توهان کي ملامت نٿو ڪري؟ ڇا توهان جي رات جي ننڊ حرام نٿي ٿئي؟ ياد رکو هي ماروئڙا خاموش ضرور آهن پر بيوس ناهن، هي ووٽ جي طاقت سان توهان کي ڪرسي تي ويهارين ٿا ته لاهي به سگهن ٿا.

اسان وس وارن، ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کان مطالبو ٿا ڪريون ته هن وسريل ڳوٺ مياندادچنجٽي جو فوري نوٽيس وٺي، چونڊيل نمائندن کان حساب وٺي، هن ڳوٺ جي بنيادي حقن بجلي، پاڻي، اسڪول ۽ يوسي آفيس کي بحال ڪيو وڃي، ورنه اهو وقت پري ناهي جڏهن هي ڳوٺاڻا روڊن تي نڪري توهان جي ڪارڪردگي جو جنازو ڪڍندا.

---

بقايا *** 01

جي موقعا فراهم ڪيا ويندا، جتي به ٽيلنٽ موجود آهي، حڪومت ان کي ڀرپور انداز ۾ فروغ ڏيندي. پاڪستاني رانديگرن ايشين گيمز ۾ ٻه چاندي ۽ اٺ ڪانسي جا تمغا کٽي ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي، رانديگرن جي شعبي ۾ وڌيڪ قدمن تي مشاورت لاءِ جلد اسپورٽس ڪانفرنس منعقد ڪئي ويندي. هُن اهڙن خيالن جو اظهار ايشين گيمز ۾ تمغا کٽيندڙ رانديگرن جي اعزاز ۾ منعقد ڪيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. تقريب ۾ اطلاعات ۽ نشريات جو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ، وزيراعظم جي يوٿ پروگرام جو چيئرمين راڻا مشهود احمد خان، قومي هاڪي ٽيم جو اڳوڻو ڪپتان ۽ اولمپئن حسن سردار ۽ اڳوڻو عالمي اسڪواش چيمپيئن جهانگير خان پڻ موجود هئا. وزيراعظم ايشين گيمز ۾ تمغا کٽيندڙ پاڪستاني رانديگرن کي مبارڪباد ڏني. وزيراعظم چيو ته ايشين گيمز ۾ رانديگرن ڏينهن رات محنت ۽ والدين جي دعا سان ٻه چاندي ۽ اٺ ڪانسي جا تمغا کٽي ملڪ جو نالو روشن ڪيو آهي، پر اڃا به اڳتي وڌڻ جي گهڻي گنجائش آهي. الله تعاليٰ ماضي ۾ پاڪستان کي هر شعبي ۾ ڪاميابيون عطا ڪيون. هاڪي جي ميدان ۾ هڪ وقت ۾ پاڪستان جي هاڪ هُوندي هئي. حسن سردار، شهناز شيخ، شهباز سينيئر، شهباز جونيئر، اختر رسول ۽ ٻين رانديگرن دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ڪيو.

بقايا *** 02

اثر ڪرڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ۽ دهشتگرديءَ خلاف جاري ڪوششن تي ڪا به سوديبازي نه ڪئي ويندي، صوبي جا معدني وسيلا عوام جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ استعمال ڪيا ويندا. پشاور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته جمعيت علماءِ اسلام (ف) جو سربراه مولانا فضل الرحمان تجربيڪار ۽ سياست جي معاملن کي سمجهندڙ اڳواڻ آهي، پر سندس تازو خطاب مايوس ڪندڙ هو. گورنر موجب، مولانا فضل الرحمان ماضيءَ ۾ به صوبي ۾ امن امان جي خراب صورتحال جو ذڪر ڪندو رهيو آهي ۽ اهو موقف اختيار ڪندو رهيو آهي ته ڪجهه علائقن ۾ آزاديءَ سان اچ وڃ به نٿو ڪري سگهجي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته بلوچستان حڪومت رياستي ادارن سان گڏجي دهشتگرديءَ جو مقابلو ڪري رهي آهي، جڏهن ته خيبر پختونخوا ۾ اڳوڻي حڪومت دهشتگرديءَ خلاف اثرائتو عزم ڏيکارڻ ۾ ناڪام رهي. هن چيو ته بلوچستان ۾ بي ايل اي سميت مختلف دهشتگرد گروهن خلاف ڪارروائيون جاري آهن ۽ خيبر پختونخوا ۾ به دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ ڀرپور قدم کنيا ويندا. گورنر معدني وسيلن جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته جيڪڏهن صوبي ۾ معدنيات موجود آهن ته انهن کي ڪيڏي مقامي آباديءَ جي ترقي، خوشحالي ۽ روزگار لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. هن ملڪي ۽ پرڏيهي سيڙپڪارن کي خيبر پختونخوا جي معدنيات واري شعبي ۾ سيڙپڪاريءَ جي دعوت به ڏني. هن چيو ته معدني وسيلن مان لاڀ وٺڻ سان صوبي ۾ معاشي سرگرميون وڌنديون ۽ عوام کي سڌو سنئون فائدو پهچندو، پر ڪجهه عنصر اهڙا به آهن، جيڪي صوبي جي ماڻهن جي خوشحالي نٿا چاهين. مولانا فضل الرحمان جي تازن بيانن تي تنقيد ڪندي فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته جيڪڏهن گورنر راڄ کي غيرجمهوري قرار ڏنو وڃي ٿو ته پوءِ ماضيءَ جي ڪجهه سياسي فيصلن جو به ساڳئي تناظر ۾ جائزو وٺڻ گهرجي. هن چيو ته اهو تاثر درست ناهي ته ڪنهن مخصوص جماعت کانسواءِ حڪومت نٿي هلي سگهي، ڇاڪاڻ ته خيبر پختونخوا ۾ موجوده حڪومت قائم آهي ۽ پنهنجو ڪم به ڪري رهي آهي. گورنر چيو ته صوبي جا ماڻهو امن، ترقي ۽ خوشحالي چاهين ٿا، تنهنڪري سمورين سياسي قوتن کي ان مقصد لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. هن مولانا فضل الرحمان کي به دعوت ڏني ته هو صوبي جي ترقي ۽ استحڪام لاءِ گڏيل ڪوششن جو حصو بڻجي. فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته جن عنصرن ماضيءَ ۾ صوبي جي امن کي نقصان پهچايو، انهن جو باب بند ٿي چڪو آهي ۽ هاڻي هر صورت ۾ رياست جي عملداري برقرار رکي ويندي. هن ٻڌايو ته پوليس جي صلاحيت وڌائڻ لاءِ وڏي سيڙپڪاري ڪئي ويندي، جڏهن ته دهشتگرديءَ کان متاثر 10 کان 12 ضلعن کي امن ۽ استحڪام جي حوالي سان مثالي ضلعا بڻائڻ جو منصوبو به غور هيٺ آهي. هن چيو ته ماضيءَ ۾ صوبي ۽ وفاق وچ ۾ پيدا ٿيل وٿي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪستان تحريڪ انصاف جي دور حڪومت جا هاڪاري قدم جاري رکيا ويندا، جڏهن ته عوامي مفادن جي ابتڙ پاليسين تي نظرثاني ڪئي ويندي.

بقايا *** 03

بابت تڪراري بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ چوڌري محمد آصف فضل الرحمان جي بيان جي مذمت ڪندي چيو آهي ته پاڪ فوج پاڪستان جي دفاع جي ضامن آهي، سرحدن تي ڏينهن رات پهرو ڏيندڙ جوانن جي قربانين تي فخر آهي. مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ چوڌري رخسار فضل الرحمان جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته مولانا فضل الرحمان جو پاڪ فوج خلاف بيان پاڪستانين ۽ ڪشميرين جي جذبات کي تڪليف پهچائڻ جي برابر آهي. فضل الرحمان کي پاڪ فوج بابت ڏنل بيان واپس وٺڻ گهرجي. پيپلز پارٽي جي اڳواڻ چوڌري شعيب ارشد چيو ته مولانا فضل الرحمان جي تقرير ٻڌي سخت تڪليف پهتي، انهي جي بيان جي مذمت ڪريان ٿو. ڀارت جي گذريل سال اڳرائي جي ڪوشش جو پاڪ فوج ڀرپور جواب ڏنو. استحڪام پاڪستان پارٽي آزاد جمون، ڪشمير جي اڳواڻ محمد علي شان سوني چيو ته فضل الرحمان جي قومي سلامتي جي ادارن ۽ پاڪ فوج جي خلاف بيان مذمت جوڳو آهي. قومي قيادت کي اهڙيون ڳالهيون نٿيون سونهن جنهن سان سموري قوم جا جذبات مجروح ٿين. چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪونسل ميرپور راجا نويد اختر چيو ته پاڪ فوج جي بدولت پاڪستان ۽ آزاد ڪشمير جون سرحدون محفوظ آهن. فضل الرحمان جو بيان مذمت جوڳو آهي. پاڪ فوج جي جرئتمندانه فيصلن ڀارت کي عالمي سطح تي بي نقاب ڪيو. ميرپور چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري جي صدر عمر جرال چيو ته قومي سلامتي جي ادارن خلاف اهڙي بيان بازي پرڏيهي ۽ رياست مخالف ايجنڊا جي ٻيائي سان هڪ

جهڙائي رکي ٿي، پاڪ فوج جا جوان سرحدن تي ڏينهن رات اسان جي حفاظت ڪندا آهن انهي جي بدولت قوم سکون جي ننڊ سمهندي آهي.

بقايا *** 04

ورهايا. خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي جي هدايت تي ڊپٽي ڪمشنر پشاور ڊاڪٽر آفاق وزير سڄو ڏينهن ڏکويل خاندانن سان گذاريو ۽ شهيد ٻارن جي والدين ۾ گڏيل طور تي 2 ڪروڙ 10 لک روپين جا امدادي چيڪ ورهايا، جڏهن ته انهي موقعي تي لاڳاپيل آفيسر ۽ روينيو اختياريون به موجود هيون. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته اهي وارث جيڪي پنهنجي پيارن جي تدفين لاءِ ٻين ضلعن ڏانهن ويل آهن انهن جي واپسي تي امدادي چيڪ انهن کي ڏنا ويندا.

بقايا *** 05

ڳو ڪو به اهڙو سياسي قدم نه هو جنهن جو مقصد پي ٽي آءِ جي حڪومت کي هٽائي صوبي ۾ مسلم ليگ(ن) جي موجودگي کي مضبوط بنائڻ هجي. هن چيو ته اهو هڪ انتظامي قدم آهي، انهي کي صرف هڪ نڪاتي ايجنڊا، دهشتگردي خلاف جنگ جي تحت جوڙيو ويو. طلال چوڌري چيو ته مون کي افسوس آهي، اسان کي اميد به نه هئي ته مولانا فضل الرحمان صوبي ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت جي نه هجڻ جي صورت ۾ پنهنجو حصو گهرندو. هن چيو ته خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ جو لاڳو هڪ انتهائي ذميوارانه فيصلو هو جيڪو ٻين سمورن متبادل رستن تي غور ڪرڻ کان پوءِ ڪيو ويو. وفاقي حڪومت جو خيبرپختونخواهه ۾ ڪو به سياسي انتظام قائم ڪرڻ جو ارادو نه آهي. هن چيو ته مون کي سمجهه ۾ نه پئي اچي ته مولانا فضل الرحمان ڇو چوي ٿو ته انهي کي چونڊن ۾ شڪست مڃڻ تي مجبور ڪيو ويو. فضل الرحمان جي پارٽي کي خيبرپختونخواهه ۾ پي ٽي آءِ ۽ بلوچستان ۾ محمود خان اڇڪزئي جي پشتونخواهه ملي عوامي پارٽي شڪست ڏني هئي. طلال چوڌري چيو ته جمعيت علماءِ اسلام (ف) انهي صورت ۾ احترام جي مستحق آهي، جڏهن اها پاڪستان جي مفاد ۾ گڏ بيٺل هجي. هن چيو ته مولانا فضل الرحمان طرفان پنهنجي تازن بيانن ۾ 1971 ع ۾ اوڀر پاڪستان جي پاڪستان کان ڌار ٿيڻ جو ذڪر ڪرڻ تي به تنقيد ڪئي. طلال چوڌري چيو ته اوهان 2024 جي چونڊن ۾ شڪست کان پوءِ 1971 ع جو ذڪر ڪري رهيا آهيو. خيبرپختونخواهه جو اهو انتظام حصص جي ورهاست، اتحاد يا حڪومتون ٺاهڻ يا سياست ڪرڻ جي لاءِ نه آهي. هن وضاحت ڪئي ته ڪي پي ايڊوائزري ڪونسل جي ميمبرن مان صرف هڪ ميمبر جو تعلق سياسي پسمنظر سان آهي. چو ته اهو شهيدن جي خاندانن جي نمائندگي ڪندو آهي. طلال چوڌري هڪ دفعو ٻيهر آڇ ڪئي ته سمورين لاڳاپيل ڌرين (اسٽيڪ هولڊرز) سان گڏجي نيشنل ايڪشن پلان تي عمل ڪيو وڃي ۽ دهشتگردي جو مقابلو ڪيو وڃي. هن چيو ته سياست صرف اتي ممڪن ٿي سگهي ٿي جتي امن هجي.

بقايا *** 06

هڪ سال ۾ پيٽرول 49.6 سيڪڙو ۽ ڊيزل 43.98 سيڪڙو مهانگو ٿيو. شماريات کاتي موجب هڪ سال ۾ اٽي جي قيمتن ۾ 35.13 سيڪڙو اضافو ۽ ڪڪڙ جو گوشت 20.77 سيڪڙو مهانگو ٿيو. اهڙي طرح ڳاڙها مرچ 15.55 سيڪڙو، وڏي جو گوشت 14.09 سيڪڙو ۽ ننڍي جو گوشت 12.27 سيڪڙو مهانگو ٿيو جڏهن ته هڪ سال ۾ سادي ڊبل روٽي 9.02 سيڪڙو مهانگي ٿي. ساليانو بنياد تي سستيون ٿيل شين ۾ ٽماٽا 63.65 سيڪڙو سستا ٿيا، هڪ سال ۾ پٽاٽا 39.93 سيڪڙو ۽ کنڊ جي قيمت ۾ 23.2 سيڪڙو گهٽتائي ٿي. هڪ سال ۾ بيدا 19.83 سيڪڙو ۽ لوڻ 14.86 سيڪڙو سستو ٿيو جڏهن مسور جي دال 8.97 سيڪڙو، ڳڙ 8.92 سيڪڙو ۽ مڱ جي دال 7.83 سيڪڙو سستي ٿي. شماريات کاتي جي رپورٽ موجب هفتيوار بنيادن تي مهانگائي ۾ 0.04 سيڪڙو گهٽتائي ٿي، هڪ هفتي ۾ 23 عام واهپي جي شين جي قيمتن ۾ اضافو، 7 شيون سستيون ۽ 21 شين جون قيمتون مستحڪم رهيون. هفتيوار بنياد تي ڇڻن جي دال 7.97 سيڪڙو مهانگي ٿي، اٽو 3.36 سيڪڙو ۽ ڪڪڙ جو گوشت 3.31 سيڪڙو مهانگو ٿيو بيدا 0.99 سيڪڙو ۽ ماش جي دال 0.98 سيڪڙو مهانگي ٿي جڏهن ته مسور جي دال 0.95 سيڪڙو ۽ ڪائين جي قيمت ۾ 0.69 سيڪڙو اضافو ٿيو ٻئي طرف هفتيوار بنياد تي ٽماٽا 23.05 سيڪڙو سستا ٿيا، هڪ هفتي ۾ بصر 4.90 سيڪڙو ۽ ڪيلي جي قيمت ۾ 2.59 سيڪڙو گهٽتائي ٿي جڏهن ته پيٽرول 0.70 سيڪڙو ۽ باسمتي ٽوٽا چانور 0.65 سيڪڙو، کنڊ 0.62 سيڪڙو سستي ٿي.

بقايا *** 07

۾ مددگار آهن ۽ اهي منهنجي دل جي تمام ويجهو آهن. هن اها ڳالهه غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 17 آڪٽوبر تي ملهايو ويو. آصف ڀٽو زرداري چيو ته غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي منهنجون نيڪ خواهشون ۽ دعائون انهن لکين عورتن، ٻارن ۽ خاندانن سان گڏ آهن جيڪي گهر جو چلهو ٻارڻ، مٿي تي ڇت برقرار رکڻ ۽ پنهنجي پيارن جي لاءِ بهتر مستقبل جي تعمير جي لاءِ روزانو جدوجهد ڪن ٿا. هن چيو ته غربت جي هر انگن اکرن جي پٺيان هڪ انساني چهرو هڪ خاندان ۽ جدوجهد جي هڪ ڪهاڻي هوندي آهي. اها ماءُ هوندي آهي جيڪا پاڻ بُکي سمهي ٿي ته جيئن ان جا ٻار کاڌو کائي سگهن. اها ننڍڙي ٻارڙي هوندي آهي جنهن جي تعليم جا خواب مشڪلاتن جي چانوءَ هيٺ دٻجي وڃن ٿا. اهو خاندان هوندو آهي جيڪو ٻوڏ ۾ سڀ ڪجهه وڃائي به ٻيهر زندگي شروع ڪرڻ جي همت پيدا ڪري ٿو. هن چيو ته غربت رڳو آمدني جي گهٽتائي جو نالو نه آهي. اهو وقار، موقعن ۽ زندگي جي انهن سادي سهولتن کان محرومي آهي جن جو هر انسان مستحق آهي. آصف ڀٽو زرداري چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) منهنجي والده شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي ويزن کي اڳتي وڌائي رهيو آهي، جيڪا يقين رکندي هئي ته عورتن کي بااختيار بڻايو وڃي ۽ سڀ کان ڪمزور ماڻهن کي ڪڏهن بي سهارو نه ڇڏيو وڃي. هن چيو ته مالي امداد سڌو سنئون عورتن جي

هٿ ۾ ڏٺي، بي آءِ ايس پي انهن کي پنهنجي زندگين ۾ وڌيڪ بااختيار بڻائي ٿو ۽ انهن جي پنهنجي خاندانن جي سارسنڀال جي صلاحيت کي مضبوط ڪري ٿو. هن چيو ته بينظير تعليمي وظيفا جهڙا قدم به منهنجي دل جي ايترو ئي ويجهو آهن. ڪنهن ٻارڙي کي غربت جي ڪري تعليم کان محروم نه ڪرڻ گهرجي ۽ ڪنهن ماءُ کي اهو ڊسڻ تي مجبور نه ٿيڻ گهرجي ته ان جو ٻار بُک يا غذائي کوٽ جو شڪار هجي. اسان کي غربت جي چڪر کي ٽوڙڻو پوندو ته جيئن ڪنهن ٻار جي پيدائش جون حالتون ان جي مستقبل جي حدن جو تعين نه ڪن. آصف ڀٽو زرداري چيو ته گڏيل قومن جو هلندڙ سال جو موضوع "سيني جي لاءِ محفوظ گهر"، پاڪستان جي لاءِ خاص اهميت رکي ٿو آئون 2022 ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ جي دل ڏوڏيندڙ منظرن کي نه ٿي وساري سگهان. جڏهن خاندانن نه رڳو پنهنجا گهر پر پنهنجي روزگار جو ذريعو، پنهنجو سامان ۽ معمولي تحفظ پڻ وڃائي ڇڏيو هو جيڪو انهن سڄي زندگي جي محنت سان حاصل ڪيو هو هن چيو ته مون کي سنڌ حڪومت جي تاريخي قدم، ٻوڏ متاثرين بابت سنڌ پيپلز هائوسنگ (ايس پي ايڇ ايف) سان حوصلو مليو آهي جنهن جو مقصد ٻوڏ کان متاثر خاندانن جي لاءِ موسمياتي تبديلين جو مقابلو ڪندڙ 21 لک گهر ٻيهر تعمير ڪرڻ آهي.

بقايا *** 08

ٻن ڌرين ۾ زرعي زمين جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ عبدالله شاهه ٻن پٽن رضوان شاهه ۽ ثناء الله سميت زخمي ٿي پيو اهڙو اطلاع حد جي پوليس کي ڏنو ويو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي تفصيل وٺي زخمين کي وارثن سان گڏ ڳنڀير حالت ۾ ڪٺائي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو جتي 52 ورهين جو عبدالله شاهه زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جڏهن ته زخمين رضوان شاهه ۽ ثناء الله شاهه کي طبي امداد ڏني پئي وڃي ان حوالي سان قتل ٿي ويل جي وارث امير شاهه رابطي ڪرڻ تي ٻڌايو ته فتن شاهه جي ڌر زميني تڪرار تان هٿياربند سان ڪري حملو ڪيو آهي جنهن نتيجي ۾ عبدالله شاهه قتل ٿي ويو آهي سندس ٻه پٽ ثناء الله شاهه ۽ رضوان شاهه کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا آهن لاڙڪاڻو: هن ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ کان مطالبو ڪيو ته قتل ملوث جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا *** 09

نتيجي ۾ واٽهڙو نينگري مارجي وئي. وارثن ٻاران لاش انڊس هاءِ وي تي رکي ڌرڻو هنيو ويو ميهڙ پرسان ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙي، فائرنگ جي نتيجي ۾ واٽهڙو نينگري مارجي وئي، وارثن ٻاران لاش انڊس هاءِ وي تي رکي ڌرڻو هنيو ويو ميهڙ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڪولاچي اسٽاپ تي انب ڪوسو ۽ لونگ ڪوسو جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ جي نتيجي ۾ شادي جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ آيل ڳوٺ فيض محمد ڪولاچي واسي 10 ورهين جي عارفه ڌيءَ عبدالستار ڪولاچي گولين لڳڻ سبب موقعي تي ئي قتل ٿي وئي. واقعي کانپوءِ جوابدار فرار ٿي ويو. مارجي ويل نينگري جو لاش تعلقه اسپتال ميهڙ منتقل ڪيو جتي پوسٽ مارٽم ٿيڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جو ڪو به ڪيس داخل نه ٿي سگهيو. قتل ٿيل نينگري جي وارثن جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪندي لاش انڊس هاءِ وي تي رکي ڌرڻو هنيو، جنهن سبب ٽريفڪ پڻ متاثر ٿي وئي.

بقايا *** 10

اءِ تي حملو ڪري قتل ڪري ڇڏيو ٿرپارڪر جي تعلقي مٺي جي ڳوٺ پڪوا ۾ گهريلو معاملي تي پمن ميگهواڙ کي سندس سڳي ڀاءُ امرت ميگهواڙ حملو ڪري قتل ڪري ڇڏيو ڳوٺاڻن موجب ٻنهي ڀائرن ۾ گهريلو معاملي تان جهيڙو ٿيو جنهن دوران ڪاوڙ ۾ اچي امرت ميگهواڙ پنهنجي سڳي ڀاءُ پمن ميگهواڙ تي حملو ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مٺي اسپتال آندو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو. واقعي جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم ڪرايو پوليس موجب واقعي کان پوءِ جوابدار گرفتار ڪري ورتو آهي، جڏهن ته وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا *** 11

نيو ڪراچي سيڪٽر 11_جي ۾ مقابلي ڪانپوءِ هڪ زخمي سميت ٻن مبينا ڌورن کي گرفتار ڪيو ويو. گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار، موبائل فون، روڪ رقم ۽ موٽرسائيڪل هٽ ڪئي وئي. ٻئي طرف، ڊفينس فيز 6 ۾ پوليس ۽ هٿياربند جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو. جنهن دوران فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ پوليس ٻن جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب، گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار ۽ موٽرسائيڪل پڻ هٽ ڪئي وئي آهي. پوليس گرفتار جوابدارن کان وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا *** 12

ا. بلوچستان حڪومت جي هڪ سينيئر عهديدار نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ڊان اخبار کي اغوا جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته اهلڪار هفتي جي موڪل تي پنهنجن گهرن ڏانهن وڃي رهيا هئا ته هٿياربندن سندن وين کي روڪي ورتو عهديدار چيو ته، "ها، هفتي جي موڪل تي گهر ويندڙ پوليس جا 20 اهلڪار مستونگ ۾ ڪوئيٽا_ڪراچي شاهراهه تي مسافروين ۾ سفر ڪري رهيا هئا، جڏهن هٿياربندن کين اغوا ڪري ورتو." هن ٻڌايو ته موٽر سائيڪلن تي سوار ۽ خودڪار هٿيارن سان ليس هٿياربندن جي هڪ ٽولي وين کي روڪي اهلڪارن کي گاڏيءَ سميت ڪنهن اڻڄاتل هنڌ ڏانهن کڻي ويا. تنهن هوندي به هٿياربندن وين جي ڊرائيور ۽ ان ۾ سوار ٽن ٻين مسافرن کي آزاد ڪري ڇڏيو مستونگ ۾ پوليس اختيارين به اغوا جي تصديق ڪندي ٻڌايو ته اغوا ٿيل اهلڪار ليويز فورس سان تعلق رکندا هئا، جنهن کي بعد ۾ پوليس ۾ ضم ڪيو ويو هو سرڪاري عملدارن موجب، اغوا ٿيل اهلڪار رخشان ڊويزن سان تعلق رکن ٿا. سيڪيورٽي فورسز اغوا ٿيل اهلڪارن جي ڳولا لاءِ ڀرپاسي جي جبلن ۾ سرچ آپريشن شروع ڪري ڇڏيو آهي. پر

هينئر تائين سندن موجودگيءَ بابت ڪا به ڄاڻ سامهون نه اچي سگهي آهي. ڪنهن به تنظيم اڃا تائين اغوا جي ذميواري قبول نه ڪئي آهي. هڪ ڏينهن اڳ بلوچستان جي ضلعي خاران مان رخشان ڊويزن جي ڪمشنر اسد الله ڪاڪڙ کي به اغوا ڪيو ويو هو. هڪ ٻئي واقعي ۾ خاران جي ڊپٽي ڪمشنر منير احمد سومري کي لڳ ڀڳ ٻن هفتن تائين قيد ۾ رکڻ کان پوءِ 3 آڪٽوبر تي بازياب ڪرايو ويو هو. کيس گذريل مهيني نوشڪي_خاران شاهراهه تان اغوا ڪيو ويو هو. مقامي قبائلي اڳواڻن ۽ اغوا ڪندڙ هٿياربندن وچ ۾ ڳالهين کان پوءِ کيس صحيح سلامت آزاد ڪيو ويو. 21 جولاءِ تي به بلوچستان جي ضلعي چاغيءَ ۾ هڪ چيڪ پوسٽ تي حملي کان پوءِ ايڪسائيز کاتي جي ٽن اهلڪارن کي اغوا ڪيو ويو هو.

بقايا *** 13

آهي. سي ٽي ڊي جي ترجمان موجب، گرفتار جوابدارن جي سڃاڻپ شهزاد، محمود، نعمان، عدنان ۽ فاروق جي نالن سان ڪئي وئي آهي. ترجمان ٻڌايو ته جوابدارن وٽان ڌماڪيدار مواد، هٿ جا بم ۽ ٻه ڊيٽونيٽر هٽ ڪيا ويا آهن. سي ٽي ڊي موجب، گرفتار جوابدارن خلاف 7 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن. جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 14

اماڻي وئي آهي. ايس ايس پي آپريشنز جي رپورٽ موجب، اسڪول جي ڇت ڪرڻ جي اطلاع صبح 9 لڳي 5 منٽن تي ملي، جنهن ڪانپوءِ ريسڪيو 1122 ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن کي واقعي واري هنڌ طلب ڪيو ويو. رپورٽ ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اسڪول جي عمارت پراڻي ۽ ناقص اڏاوت سبب ڊهي پئي. پوليس موجب، واقعي جو ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته عمارت ڪرڻ جا اصل سبب معلوم ڪرڻ ۽ ذميوارن جو تعين ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي.

بقايا *** 15

سيڪيورٽي ذريعن موجب، مارجي ويل دهشتگرد ڪوئيٽا_تفتان شاهراهه تي مسافرن کي هراسان ڪرڻ ۾ ملوث هئا. ذريعن جو چوڻ آهي ته ڄاڻايل دهشتگرد علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ واري سرگرمين ۾ پڻ ملوث هئا.

بقايا *** 16

ڪاني صورتحال سبب حفاظتي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن ته آل انڊيا اسٽوڊنٽس ايسوسيئيشن (اي آءِ ايس اي) جي سربراه نيها بورا کي اڄ صبح آزاد ڪيو ويو پارٽي ميڊيا موجب، پوليس ايپيجيت ديبڪي خلاف پارٽي شهري تحفظ قانون جي مختلف شقن تحت ڪارروائي ڪئي آهي. ڪيس بعد ۾ خصوصي انتظامي مئجسٽريٽ جي عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو. ڪاڪروچ جنتا پارٽيءَ جي قانوني معاملن واري سربراه رتنا سنگهه دعويٰ ڪئي آهي ته ايپيجيت ديبڪي کي اڻڄاتل هنڌ تي رکيو ويو آهي ۽ وڪيلن کي به ساڻس ملاقات جي اجازت نه ڏني وئي. ٻئي طرف، اي آءِ ايس اي جي سربراهه نيها بورا کي آزاد ڪيو ويو آهي. پارٽي ميڊيا موجب، آزاديءَ ڪانپوءِ نيها بورا چيو ته پوليس مظاهرين کي بنا ڪنهن جائز سبب جي حراست ۾ وٺي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ٿاڻن ۾ ويهاري ٿي، جنهن جو مقصد عام شهرين ۾ خوف پيدا ڪرڻ آهي. هن ايپيجيت ديبڪي سميت سمورن گرفتار مظاهرين جي فوري آزاديءَ جو مطالبو ڪندي چيو ته شهري رڳو جوابدهي ۽ ووٽ جي حق جو مطالبو ڪري رهيا آهن. واضح رهي ته گذريل جمعي تي دهليءَ جي ڪنات پليس واري علائقي ۾ 'لهرادو ترنگا' احتجاجي مارچ کان اڳ پوليس ٻنهي اڳواڻن کي حراست ۾ ورتو هو. ان ڪانپوءِ ٻنهي تنظيمن پنهنجن اڳواڻن تائين رسائي نه ملڻ ۽ وڪيلن سان ملاقات جي اجازت نه ڏيڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي هئي. ڪاڪروچ جنتا پارٽي، مخالف ڌر جي جماعتن، شاگرد تنظيمن ۽ سول سوسائٽيءَ جي گروپن ڀارت جي چيف اليڪشن ڪمشنر گيانش ڪمار کان استعيفيٰ جو مطالبو ڪيو آهي. مظاهرين جو الزام آهي ته چونڊ فهرستن ۽ اليڪشن ڪميشن پاران ووٽرن جي خاص جاچ واري عمل ۾ بي ضابطگيون ڪيون ويون آهن.

بقايا *** 17

نداپور اڳ ئي گرفتار ٿي چڪو آهي. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج حاڪم خان بکر ڪئي، جنهن ۾ علي امين گنڊاپور پاران وڪيل راجا ظهور پيش ٿيو. جڏهن ته ڪيس ۾ نامزد شريڪ جوابدار فاروق به عدالت ۾ حاضر ٿيو. ٻڌڻي دوران وڪيل راجا ظهور چيو ته علي امين گنڊاپور کي اڄ عدالت ۾ پيش ٿيڻو هو. پر هو اڳ ئي گرفتار ٿي چڪو آهي. هن موقف اختيار ڪيو ته جيڪڏهن عدالت اڄ ٻيهر گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪري ٿي ته ان جو ڪو فائدو نه ٿيندو. علي امين گنڊاپور جي عدالت ۾ غيرموجودگيءَ سبب شاهدن جا بيان رڪارڊ نه ٿي سگهيا. عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 27 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. واضح رهي ته علي امين گنڊاپور خلاف آڊيو ليڪ واري معاملي تي اسلام آباد جي گولڙا ٿاڻي ۾ ڪيس داخل ٿيل آهي.

بقايا *** 18

نعام ميمڻ شنگهائي ۾ بسون ٺاهيندڙ ڪمپنين جي اختيارن سان اهم ملاقاتون ڪيون. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سان يوٽونگ بس ٺاهيندڙ ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر مسٽر رابن شين ملاقات ڪئي، جنهن دوران ڪمپني پاران سنڌ ۾ اليڪٽرڪ بسون متعارف ڪرائڻ لاءِ سهڪار ۽ معاونت جي آڇ ڪئي وئي. شرجيل انعام ميمڻ هائيگر بس ڪمپني جي نائب صدر ليو ينگ سان پڻ ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ڪراچي ۾ ڊبل ڊيڪر بسن کي فعال بڻائڻ لاءِ انهن جي فراهميءَ جو عمل تيز ڪرڻ تي زور ڏنو ويو ان موقعي تي ڪمپني جي نمائندن سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ کي خاطري ڪرائي ته بسن جي پهرين کيپ نومبر 2026 ع ۾ فراهم ڪئي ويندي. ملاقاتن دوران گرين انرجي جي واڌاري ۽ سنڌ جي ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌيڪ اثرائتو متحرڪ ۽ جديد بڻائڻ لاءِ مختلف تجويزن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقاتن ۾ رٿابندي ۽ ترقي وارو سيڪريٽري نجم شاهه، سيڪريٽري ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ اسد ضامن ۽ ٻيا عملدار پڻ شريڪ هئا. ان موقعي تي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي سميت سڄي صوبي ۾ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ

ڪيترن ئي قدمن تي ڪم ڪري رهي آهي. بي آر ٽي جي مختلف لائينن کي فعال ۽ آپريشنل بڻائڻ ۽ عوام کي جديد، اثرائتي ۽ معياري سفري سهولتون فراهم ڪرڻ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. هن چيو ته ماحول دوست ٽرانسپورٽ کي هٿي وٺرائڻ سنڌ حڪومت جي پاليسيءَ جو اهم حصو آهي. سنڌ ۾ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي نظام کي اثرائتو، جديد ۽ عوام دوست بڻائڻ لاءِ سيڙپڪاري ۽ بين الاقوامي سهڪار جي نون موقعن مان ڀرپور فائدو ورتو پيو وڃي.

بقايا *** 19

ستان ۾ آپريشن ردالفتنه جي تحت دهشتگردن خلاف ڀرپور ڪارروايون جاري آهن. انهي دوران سيڪيورٽي فورسز ضلعي چاغي جي علائقي دالبندين ۾ انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪندي 2 گهربل دهشتگردن کي ماري ڇڏيو. ذريعن موجب آپريشن جي دوران سيڪيورٽي فورسز طرفان دهشتگردن جي ٺڪاڻن تي موثر انداز ۾ حملو ڪيو ويو. مارجي ويل دهشتگرد ڪوئٽه، تفتان شاهراهه تي مسافرن کي حراسان ڪرڻ ۽ علائقي ۾ خوف هراس پکيڙڻ ۾ ملوث هئا. سيڪيورٽي ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته مارجي ويل دهشتگرد شاهراهه تي واپاري گاڏين ۽ مسافر بسن کي باهه ڏئي ملڪي معيشت کي نقصان پهچائي رهيا هئا. فورسز بلوچستان مان دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ پرعزم آهي، آخري دهشتگرد جي خاتمي تائين جنگ جاري رهندي.

بقايا *** 20

اهو تجويز شنگهائي اليڪٽرڪ گروپ جي چيئرمين وو لي ۽ ڪمپني جي سينئر انتظاميا سان شنگهائي ۾ گروپ جي هيڊ ڪوارٽر ۾ هڪ ملاقات دوران پيش ڪيو ويو، جتي ٻنهي ڌرين سنڌ ۾ هلندڙ منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ گڏجي ڪم ڪرڻ جي نون موقعن تي غور ڪيو. وڏي وزير شنگهائي اليڪٽرڪ کي سنڌ جي سڀ کان اهم ترقياتي ڀائيوارن مان هڪ قرار ڏنو ۽ ٿربلاڪ _1 انٽيگريٽيڊ ڪول مائن اينڊ پاور پراجيڪٽ ۾ ڪمپني جي تاريخي سيڙپڪاريءَ ۽ پاڪستان جي توانائي جي منظرنامي کي تبديل ڪرڻ ۽ مقامي توانائي وسيلن جي اقتصادي اهميت کي ثابت ڪرڻ جو ڪريڊٽ ڏنو هن چيو شنگهائي اليڪٽرڪ جي ٿر ۾ سيڙپڪاري هڪ گيم چينجر (ڏينهن مٽائيندڙ) رهي آهي. ٿربلاڪ _1 منصوبي جي ڪاميابيءَ ثابت ڪيو آهي ته پاڪستان جا پنهنجا وسيلا ملڪ جي توانائي جي تحفظ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿا ۽ ان سان گڏ اسان جي سڀ کان پوئتي پيل علائقن مان هڪ ۾ اقتصادي ترقي کي اڳتي وڌائي سگهن ٿا. ٿر پائيدار توانائي ۽ روزگار فراهم ڪري ٿي: مراد علي شاهه ٿرپارڪر جي ترقيءَ ۾ شنگهائي اليڪٽرڪ جي ڪردار کي تسليم ڪيو ۽ چيو ته هن منصوبي روزگار جا موقعا پيدا ڪيا آهن، ٽيڪنيڪل مهارتن کي وڌايو آهي ۽ مقامي برادرين لاءِ نوان معاشي امڪان پيدا ڪيا آهن. هن ٿر جي نوجوانن کي تربيت ڏيڻ ۽ کين نوڪريون ڏيڻ تي ڪمپني جي ڪوششن کي ساراهيو ۽ کين ترغيب ڏني ته اهي مقامي رهواسين، خاص طور تي عورتن لاءِ موقعن کي وڌيڪ وسيع ڪن. هن چيو ٿر جي ترقيءَ جو فائدو علائقي جي ماڻهن کي ملڻ جاري رهڻ گهرجي. اسان چاهيون ٿا ته انهن منصوبن مان پيدا ٿيندڙ معاشي موقعن ۾ عورتن سميت مقامي برادرين جي اڃا به وڌيڪ شموليت ٿئي. ٿر جي ويليو چين کي وڌائڻ: شنگهائي ۾ سنڌ انويسٽمينٽ اينڊ ٽريڊ ڪانفرنس دوران اڳ ۾ صحيح ٿيل معاهدن جو حوالو ڏيندي، وزيراعليٰ چيو ته سنڌ حڪومت هاڻي صرف بجلي پيدا ڪرڻ کان اڳتي وڌي ٿر جي وسيع ڪوئلي جي ذخيرن جي چوڌاري هڪ وڏو صنعتي نظام قائم ڪرڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي. هن شنگهائي اليڪٽرڪ کي دعوت ڏني ته اها ڪوئلي مان ڪيميڪل ٺاهڻ، ڪوئلي جي تحقيق ۽ جدت، ڪوئلي جي بريڪيٽنگ ٽيڪنالاجي، ۽ زراعت توڙي پيئڻ جي پاڻي لاءِ مائن جي پاڻي جي فائدي واري استعمال جهڙن شعبن ۾ ٽيڪنيڪل اڳواڻي ۽ سيڙپڪاريءَ جي مدد فراهم ڪري. هن چيو اسان جو خواب ٿر کي توانائي جي منصوبي مان هڪ جامع صنعتي ۽ اقتصادي مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ آهي. اسان اهڙيون ويليو ايڊڊ صنعتون قائم ڪرڻ چاهيون ٿا جيڪي روزگار پيدا ڪن. سيڙپڪاري کي راغب ڪن ۽ اسان جي قدرتي وسيلن مان وڌ کان وڌ معاشي فائدا حاصل ڪن. ڪراچي ڊيسيلينيشن پراجيڪٽ جي تجويز: ڪراچي ۾ پاڻي جي وڌندڙ چيلنجز کي اجاگر ڪندي، مراد علي شاهه شنگهائي اليڪٽرڪ کي دعوت ڏني ته اها سنڌ جي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ فريم ورڪ تحت شهر لاءِ وڏي پيماني تي سمنڊ جي پاڻي کي مٺو ڪرڻ جي منصوبي کي ترقي ڏيڻ جي امڪان جو جائزو وٺي. هن چيو ته شنگهائي اليڪٽرڪ جو ڊيسيلينيشن ۽ پاڻي جي بنيادي ڍانچي جي منصوبن ۾ تجربو ڪراچي کي ان جي تيزيءَ سان وڌندڙ آبادي لاءِ پاڻي جي پائيدار فراهمي جي يقيني بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. هن چيو ڪراچي کي هنگامي طور تي پاڻي جي جديد ۽ طويل المدتي حلن جي ضرورت آهي. اسان جو يقين آهي ته ڊيسيلينيشن ٽيڪنالاجي ۾ شنگهائي اليڪٽرڪ جي مهارت هن چيلنج کي حل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. نوانيل توانائي ۽ انرجي اسٽوريج: وڏي وزير سنڌ ۾ نوانيل توانائي جي وڏي صلاحيت، خاص ڪري هوا ۽ شمسي (سولر) توانائي کي به نمايان ڪيو هن شنگهائي اليڪٽرڪ کي صوبي ۾ ايندڙ نوانيل توانائي جي منصوبن، بيٽري اسٽوريج سسٽم ۽ لاڳاپيل صنعتي ڪمن ۾ حصو وٺڻ جي دعوت ڏني. هن چيو سنڌ وٽ علائقي ۾ سڀ کان وڏو ونڊ ڪوريڊور (هوا جو رستو) ۽ وڏا شمسي وسيلا موجود آهن. اسان نوانيل توانائي جي پيداوار، اسٽوريج ٽيڪنالاجي ۽ صاف توانائي جي بنيادي ڍانچي ۾ سهڪار جا وڏا موقعا ڏسي رهيا آهيون. مراد علي شاهه ڪمپني کي وڌيڪ ترغيب ڏني ته اها سنڌ جي اسپيشل اڪنامڪ زونز جي اندر نوانيل توانائي جي سامان لاءِ مقامي پيداواري يا اسيمبلي پلانٽ قائم ڪرڻ تي غور ڪري. مقامي ٽيڪنيڪل صلاحيتن جي تعمير: علم جي منتقلي جي اهميت کي تسليم ڪندي، وزيراعليٰ سنڌ جي انجنيئرن، ٽيڪنيڪل پيشيورن ۽ توانائي جي شعبي جي عملي لاءِ چين ۾ شنگهائي اليڪٽرڪ جي سهولتن ۾ هڪ منظم تربيتي ۽ صلاحيتن جي تعمير جي پروگرام جي تجويز ڏني. هن چيو ته اهڙيون ڪوششون مقامي مهارت کي مضبوط ڪنديون ۽ صوبي ۾ وڏن بنيادي

ڍانچي ۽ توانائي جي منصوبن جي طويل المدتي پائيداري کي يقيني بڻائينديون. هن چيو ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۽ انساني وسيلن جي ترقي ڪنهن به ڪامياب ڀائيواري جا لازمي حصا آهن. اسان پنهنجي انجنيئرن ۽ ٽيڪنيڪل ماهرن لاءِ شنگهائي اليڪٽرڪ جي عالمي تجربي مان فائدو حاصل ڪرڻ جي موقعن کي ڀليڪار ڪنداسين. طويل المدتي سهڪار جو عزم: چيئرمين وو لي ۽ شنگهائي اليڪٽرڪ جي سينئر انتظاميا سنڌ جي تجويزن کي ڀليڪار ڪيو ۽ پاڪستان جي توانائي ۽ صنعتي ترقيءَ جي حمايت لاءِ ڪمپني جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. ملاقات ۾ ٿر ۾ جاري سهڪار جو جائزو ورتو ويو ۽ نون شعبن، جن ۾ پاڻي جو بنيادي ڍانچو، نوانيل توانائي، صنعتي ترقي ۽ ٽيڪنيڪل ٽريننگ شامل آهن. تنهن ۾ امڪاني سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. شنگهائي اليڪٽرڪ جي قيادت کي سنڌ ۽ ٿر جو دورو ڪرڻ جي دعوت ڏيندي، مراد علي شاهه اعتماد جو اظهار ڪيو ته اها ڀائيواري پنهنجي دائري ۽ اثر ۾ وڌندي رهندي. هن چيو شنگهائي اليڪٽرڪ سنڌ جي ترقيءَ جي سفر ۾ هڪ قابل اعتماد ڀائيوار رهي آهي. اسان هن لاڳاپي کي نون شعبن تائين وڌائڻ جا منتظر آهيون جيڪي اسان جي ماڻهن لاءِ پائيدار ترقي، جدت ۽ خوشحالي کي هٿي ڏين ٿا. ملاقات ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، رٿابندي ۽ ترقي جو وزير جام خان شورو، زراعت جو وزير سردار محمد بخش خان مهر، وڏي وزير جو پرنسپال سيڪريٽري آغا واصف عباس، پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ جو چيئرمين نجم احمد شاهه، ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب، سيڙپڪاريءَ بابت وڏي وزير جو خاص مددگار سيد قاسم نويد قمر سيڙپڪاري سيڪريٽري راجا خرم شهزاد، سائنو سنڌ ريسورسز لميٽيڊ جا نمائندا ۽ شنگهائي اليڪٽرڪ گروپ جا سينئر اختيارين شريڪ هئا.

بقايا *** 21

زاد جمون ۽ ڪشمير جي وزيراعظم سيد افتخار علي گيلاني اسلام آباد ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، آزاد جمون ۽ ڪشمير جي ڀلائي، خطي جي ترقي ۽ عوام کي درپيش مسئلن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ملاقات دوران آزاد ڪشمير جي عوام جي بهتري، نوجوانن لاءِ تعليم ۽ سندن هاڪاري سرگرمين ۾ شموليت جي حوالي سان مختلف معاملا بحث هيٺ آيا. ان موقعي تي آزاد ڪشمير جي وزيراعظم چيو ته هو آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ ترقياتي عمل کي اثرائتو بڻائڻ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ وفاقي حڪومت جي تعاون ۽ معاونت جو ٿورائتو آهي. هن چيو ته آزاد ڪشمير جي عوام جي خوشحالي، صحت، نوجوانن جي تعليم ۽ اسڪلز ڊولپمينٽ ۽ بهتر روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ سندس اولين ترجيح آهي. سينيٽر راڻا ثناءُ الله ان عزم جو اظهار ڪيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ حڪومت، آزاد ڪشمير جي ترقي، خوشحالي ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي. هن نوجوانن جي صلاحيتن کي ڪتب آڻڻ، کين بهتر مستقبل فراهم ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ گڏيل تعاون جي اهميت کي اجاگر ڪيو.

بقايا *** 22

گروپ ۽ آءِ ايم ايف جي ساليني اجلاس 2026 ع جي موقعي تي ابوظهبي ڪمرشل بينڪ جي وفد سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان جي معاشي صورتحال، مالياتي تعاون ۽ سيڙپڪاري جي موقعن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ناڻي واري وزارت مان ڇنڇر ڏينهن جاري پڌرائي مطابق ملاقات دوران ناڻي واري وزير آءِ ايم ايف پروگرام تحت اڳڀرائي، مالياتي استحڪام، پرڏيهي مٽا سٽا جي ناڻي جي ذخيرن ۾ اضافي ۽ روانگي واپار تي ٻڌل پائيدار ترقي لاءِ حڪومت جي عزم کي اجاگر ڪيو. ملاقات ۾ سيڙپڪار مارڪيٽن ذريعي مالي وسيلن کي حاصل ڪرڻ ۽ قرضن جي انتظام بابت معاملن تي ڳالهيون ٿيون، جن جو مقصد مهانگن گهٽ مدي وارن قرضن جي جاءِ بهتر مالياتي ذريعا اختيار ڪرڻ، قرضن جي ادائيگي جو مدو وڌائڻ ۽ ادائيگين جي بار کي مختلف دورن ۾ متوازن بڻائڻ آهي.

بقايا *** 23

ميمڻ چيو آهي ته پيپلز پارٽي ڪڏهن به اقتدار جي لالچ نه ڪئي آهي، اسان ملڪ جي بقا خاطر پاڪ فوج سان گڏ آهيون. ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال تي پنهنجي بيان ۾ سينئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ چيو آهي ته پي ٽي آءِ دهشتگردن خلاف نرم رويو رکي حڪومت وڃائي آهي. هن جو چوڻ هو ته معصوم ماڻهن جو رت وهندو رهيو، جوان شهيد ٿيندا رهيا، پي ٽي آءِ جون آفيسون ڪولرائڻ جون ڳالهيون ڪندي رهي. پي ٽي آءِ وٽ خيبرپختونخواهه ۾ سياسي بحران جو الزام پاڻ کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ جو جواز نه آهي. شرجيل ميمڻ چيو ته عوام جي خدمت جي بجاءِ پي ٽي آءِ صوبي کي تفرقي واري سياست ذريعي يرغمال بڻائي رکيو آهي. هاڻ انهن کي پنهنجن ئي فيصلن جي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه اصولن جي سياست ۽ جمهوريت جي استحڪام تي يقين رکي ٿي، پيپلز پارٽي ڪڏهن به اقتدار جي لالچ ناهي ڪئي، جيڪڏهن شوق هجي ها ته وفاقي وزارتون وٺون ها ۽ حڪومت ۾ شامل ٿيون ها. هن جو چوڻ هو ته مولانا فضل الرحمان جهڙي تجربيڪار سياستدان طرفان مايوس ڪندڙ بيان ٻڌڻ لاءِ ملي رهيا آهن. مولانا فضل الرحمان جي پارٽي به دهشتگردي جو شڪار آهي ته اميد آهي ته اها دهشتگردي جي خلاف اٽل موقف اختيار ڪندي شهيدن ۽ متاثرين جي گهر ڀاتين سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويندو شرجيل ميمڻ پاڪ فوج جي جوانن کي قوم جو فخر قرار ڏيندي چيو ته هٿياربند فوج اسان جي سلامتي لاءِ مسلسل قربانيون ڏئي رهي آهي. سياسي مفادن کي ڪڏهن به قومي سلامتي ۽ شهيدن جي قربانين تي ترجيح نه ڏيڻ گهرجي، اسان شهيدن کي سلام پيش ڪريون ٿا.

بقايا *** 24

اکر جاري ڪيا آهن. ڇنڇر ڏينهن جاري تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 39 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 45 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽

چوڙ 17 هزار 100 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ چوڙ 40 هزار 800 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 11 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 16 هزار ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 15 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 8 هزار 400 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. بئراجن جي انگن اکرن مطابق گدو بئراج ۾ پاڻي جي آمد 48 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 41 هزار 700 ڪيوسڪ، سکر بئراج ۾ پاڻي جي آمد 44 هزار 500 ڪيوسڪ ۽ چوڙ 12 هزار ڪيوسڪ، ڪوٽڙي بئراج ۾ پاڻي جي آمد 16 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ چوڙ ٻُڙي ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1518.45 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 3.858 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1198.50 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 4.142 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 645.60 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.161 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا *** 25

جي فراهمي جي لاءِ گڏيل، موثر ۽ عملي قدمن جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته حڪومت عوام جي معاشي ۽ سماجي ترقي جي لاءِ ٺوس حڪمت عملي تي عمل پيرا آهي، نوجوانن جي لاءِ باعزت روزگار، ڪاروبار ۽ معاشي موقعا ئي غربت جي خاتمي جا اصل ضامن آهن. غربت جو خاتمو اسان سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي، حڪومت، صوبائي حڪومتن، ترقياتي حصيدارن، سول سوسائٽي، نجي شعبي ۽ مقامي آبادين جي گڏيل ڪوششن سان ئي سماجي ۽ معاشي طور تي محفوظ، روزگار جي ذريعن ۾ واڌ ۽ ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي گامزن پاڪستان يقيني بڻائي سگهبو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جيڪو عالمي سطح تي گڏيل قومن پاران ٽي سالا عالمي مهم (2026 ع کان 2028 ع) جي موضوع "امن ۽ انساني حقن جي لاءِ متحد" ۽ سال 2026 ع جي ذيلي موضوع "سيني جي لاءِ محفوظ گهر" جي عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي.

بقايا *** 26

ن جي سرحدن تي جارحيت ۽ سرحد پار کان دراندازي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي، پاڪ فوج ملڪ جي هر حصي جي حفاظت لاءِ هر وقت تيار آهي ۽ سرحدن جي حفاظت جو عزم مضبوط آهي. پاڪستان ملٽري اڪيڊمي ڪاڪول ۾ 154 هين پي ايم اي لانگ ڪورس ۽ 39 هين ٽيڪنيڪل گريجوئيٽ ڪورس جي پاسنگ آئوٽ پريڊ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڪيڊٽس شاندار پريڊ جو مظاهرو ڪيو. تقريب دوران غزنوي ڪمپنيءَ کي قائداعظم بينر ڏنو ويو جڏهن ته جنرل سيد عامر رضا تقريب جو خاص مهمان هو جنرل عامر رضا تربيت دوران نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ڪيڊٽس ۾ انعام ۽ اعزاز پڻ ورهايا. پاس آئوٽ ٿيندڙ ڪيڊٽس ۽ سندن والدين کي مبارڪون ڏيندي هن بنگلاديش، سري لنڪا ۽ ٻين دوست ملڪن جي ڪيڊٽس کي به واڌايون ڏنيون. سندس چوڻ هو ته عورت ڪيڊٽس جي شرڪت فخر جوڳي ڳالهه آهي.

بقايا *** 27

سان ملاقات ڪئي. ملاقات ۾ پاڪستان جي معاشي صورتحال ۽ مالياتي تعاون جي امڪانن تي ڳالهيون ڪيون ويون. ناڻي واري وزارت مان ڇنڇر ڏينهن جاري بيان مطابق ملاقات دوران ناڻي واري وزير ماليات ۽ پرڏيهي شعبن جي انگن اکرن ۾ بهتري کي اجاگر ڪندي معاشي استحڪام ۽ سڌارن لاءِ حڪومت جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. ملاقات ۾ سڪوڪ جي امڪاني جاري ٿيڻ، روپئي ۾ ماليت ۽ ڊالر ۾ ادائيگي وارن مالياتي ذريعن ۽ مالي وسيلا حاصل ڪرڻ جي ذريعن ۾ تنوع آڻڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون. هن مجموعي پرڏيهي قرضن ۾ اضافو ڪرڻ کانسواءِ گهٽ مدي وارن قرضن جي جاءِ بهتر شرطن تي مالي وسيلا حاصل ڪرڻ.

بقايا *** 28

ڪلاٽن ۾ ورتل خاندانن جو تحفظ ۽ هر شهري کي بنيادي ضرورتن ۽ بهتر زندگي جي موقعن جي فراهمي يقيني بڻائڻ ضروري آهي، غربت جي خاتمي جي لاءِ سماجي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ، روزگار جا موقعا وڌائڻ ۽ تعليم، صحت ۽ مناسب رهائش تائين پهچ بهتر بڻائڻ جي لاءِ مسلسل قدم لازمي آهن. هر خاندان کي پنهنجون حالتون بهتر بڻائڻ ۽ وڌيڪ محفوظ مستقبل جي تعمير جي لاءِ حقيقي موقعا ميسر هجڻ گهرجن. اهڙن خيالن جو اظهار صدر آصف علي زرداري غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جيڪو هر سال 17 آڪٽوبر تي ملهايو ويو جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ ڪيو صدر آصف علي زرداري چيو ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) پاڪستان ۾ غربت جي خاتمي جي ڪوشش ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي.

بقايا *** 29

ائي ۾ مددگار آهن ۽ اهي منهنجي دل جي تمام ويجهو آهن. هن اها ڳالهه غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو 17 آڪٽوبر تي ملهايو ويو. آصف ڀٽو زرداري چيو ته غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي منهنجون نيڪ خواهشون ۽ دعائون انهن لکين عورتن، ٻارن ۽ خاندانن سان گڏ آهن جيڪي گهر جو چلهو ٻارڻ، مٿي تي ڇت برقرار رکڻ ۽ پنهنجي پيارن جي لاءِ بهتر مستقبل جي تعمير جي لاءِ روزانو جدوجهد ڪن ٿا. هن چيو ته غربت جي هر انگن اکرن جي پٺيان هڪ انساني چهرو هڪ خاندان ۽ جدوجهد جي هڪ ڪهاڻي هوندي آهي. اها ماءُ هوندي آهي جيڪا پاڻ بُکي سمهي ٿي ته جيئن ان جا ٻار کاڌو کائي سگهن. اها ننڍڙي ٻارڙي هوندي آهي جنهن جي تعليم جا خواب مشڪلاتن جي چانوءَ هيٺ دٻجي وڃن ٿا. اهو خاندان هوندو

آهي جيڪو ٻوڏ ۾ سڀ ڪجهه وڃائي به ٻيهر زندگي شروع ڪرڻ جي همت پيدا ڪري ٿو هن چيو ته غربت رڳو آمدني جي گهٽتائي جو نالو نه آهي.

بقايا *** 30

بدران عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي ته ملڪ ۾ اٽو 25 رپيا في ڪلو ۽ کنڊ 40 رپيا في ڪلو جي حساب سان دستياب ٿي سگهي ٿي. هن مطالبو ڪيو ته عوام تي معاشي بار وجهڻ بدران سندن بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ مهانگائي گهٽائڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن. سکر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي سنڌ جي ورهاست بابت مبينا سازشن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي الزام لڳايو ته وفاقي وزير ۽ متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) جا اڳواڻ سنڌ جي ورهاست جي سازش ۾ مصروف آهن. هن واضح ڪيو ته سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي ۽ سنڌ جي وحدت تي ڪو به ٺاهه نه ٿو ڪري سگهجي. ڊاڪٽر قادر مگسي جو چوڻ هو ته ملڪ جا عوام اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري ۽ معاشي پريشانين جي منهن ڏئي رهيا آهن.

بقايا *** 31

2 مبينا ڌورو مارجي ويا. ايس ايس پي سينٽرل ڪراچي ڊاڪٽر عمران خان موجب، قلندريه چوڪ ويجهو شاهراهه نورجهان تي پوليس ۽ ڌورن وچ ۾ مقابلو ٿيو ڊاڪٽر عمران خان ٻڌايو ته مارجي ويل جوابدار شهرين کان ڦرلٽ ڪري رهيا هئا. هڪ شهري جي نشاندهي تي پوليس ڪارروائي ڪندي جوابدارن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو، جنهن تي هنن پوليس تي فائرنگ شروع ڪري ڏني. ايس ايس پي سينٽرل موجب، پوليس جي جوابي فائرنگ ۾ ٻئي جوابدار مارجي ويا. پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته مارجي ويل جوابدارن جي قبضي مان 2 پسٽول، 5 موبائل فون ۽ سي ڊي 125 موٽرسائيڪل هٽ ڪئي وئي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته مارجي ويل جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ هٽ ٿيل موبائل فونن توڙي موٽرسائيڪل جي جاچ پڙتال جاري آهي.

بقايا *** 32

آهي. صوبي جي 32 سرڪاري يونيورسٽين جي وائس چانسلرز جي اجلاس ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيو آهي ته سنڌ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ يونيورسٽين کي وڌيڪ گرانٽ ان ايڊ فراهم ڪندي آهي، صوبي جي يونيورسٽين کي 44 ارب 460 ملين روپين جي گرانٽ ڏني پئي وڃي. هن چيو ته نوان ڪيمپسز قائم ڪرڻ لاءِ جامع پاليسي ۽ واضح معيار واضح ڪيا وڃن ته جيئن تعليمي ۽ مالي ضرورتن کي آڏو رکندي فيصلا ڪري سگهجن. سنڌ جي چيف سيڪريٽري جو چوڻ هو ته يونيورسٽي پروفيسرز جي رٽائرمينٽ جي عمر 60 کان وڌائي 65 سال ڪرڻ جي سمري صوبائي ڪابينه ڏانهن اماڻي ويندي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته وائس چانسلرز ڄاڻ واري حق جي قانون جي حوالي سان به پنهنجن خدشن جو اظهار ڪيو آهي. ڪجهه وقتن تي اهڙي ڄاڻ طلب ڪئي ويندي آهي جنهن جو عوامي مفاد سان سڌو سنئون ڪو به تعلق نه هوندو آهي. آصف حيدر شاهه چيو ته يونيورسٽي جي لاءِ پينشن جي واجبات هڪ وڏو مسئلو بڻجي چڪا آهن. مالي بار گهٽ ڪرڻ جي لاءِ غيرضروري ڀرتين، خاص طور تي غير تدريسي شعبن ۾ ڀرتين کي روڪيو وڃي.

بقايا *** 33

ه پوليس مقابلن ۾ 12 زخمين سميت 18 ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويو آهي، پوليس موجب گرفتار ڌوهارين جي قبضي مان غير قانوني هٿيار، گوليون، موبائل فون ۽ روڪ رقم هٽ آئي آهي. تفصيل موجب ڊسٽرڪٽ ويسٽ جي علائقي پاڪستان بازار ٿاڻي جي حد بسم الله چوڪ تي پوليس جو چار رڪني ڌوهاري گروپ سان مقابلو ٿيو ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي موجب ٻنهي طرفن کان فائرنگ جي ڏي و روڪ رقم هٽ آئي، جڏهن ته ٻن موٽر سائيڪلن کي به تحويل ۾ ورتو ويو زخمي ڌوهارين کي طبي امداد لاءِ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. سرجاني ٽائون ٿاڻي جي حد ناردن باءِ پاس تي پوليس جي 7 رڪني مبينه ڌوهاري گروپ سان مقابلو ٿيو ايس ايس پي ويسٽ موجب فائرنگ جي ڏي وٺ دوران ٻن زخمين سميت 7 ڌوهارين کي گرفتار ڪيو ويو گرفتار زخمي ڌوهارين جي سڃاڻپ جاويد عرف استاد ولد فياض ۽ صغير احمد ولد شبير احمد جي نالن سان ڪئي وئي آهي. جڏهن ته ٻين پنج گرفتار ڌوهارين ۾ طلعت ولد سهيل، سلمان عرف سورج ولد شوڪت، وسيم ولد مظفر، توقير ولد منير ۽ پرويز ولد الله ڏتو شامل آهن.

بقايا *** 34

ي 166419 پوائنٽن تي بند ٿيو پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج جي هفتيوار رپورٽ موجب، ڪاروباري هفتي دوران 100 انڊيڪس 2927 پوائنٽن جي حد اندر لاٿ چاڙهه جو شڪار رهيو هفتي دوران انڊيڪس جي بلند ترين سطح 166988 پوائنٽون، جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ سطح 164060 پوائنٽون رڪارڊ ڪئي وئي. رپورٽ موجب، هڪ هفتي دوران شيئرز مارڪيٽ ۾ 2 ارب 15 ڪروڙ شيئرن جا سودا 89 ارب رپين ۾ طئي ٿيا. ٻئي طرف، مارڪيٽ جي مجموعي سرمائي ۾ 89 ارب رپين جي گهٽتائي ٿي، جنهن ڪانپوءِ اها گهٽجي 18 هزار 479 ارب رپيا رهجي وئي.

بقايا *** 35

ئل ٽرالر سان پٺيان زوردار ٽڪر ٿيڻ سبب عورت سميت 3 ڄڻا فوت 5 ڄڻا زخمي ٿي پيا فوتين ۽ زخمين کي گهوٽڪي جي تعلقه اسپتال منتقل ڪيو ويو فوتين ۾ عبدالرئوف ڪوڪر، عاشق حسين ۽ هڪ عورت صفيا زال محمد قاسم شامل آهن. جڏهن ته زخمين ۾ عبدالغني، آصف، مسمات سرور بي بي، نسرين بي بي ۽ مسمات خورشيد بي بي شامل آهن. حادثي جو شڪار ٿيلن جو تعلق پنجاب جي شهر رحيم يارخان جي علائقي خان ٻيلا سان ٻڌايو پيو وڃي ڄاڻ موجب اهي ڪراچي مان ميت کڻي رحيم يارخان وڃي رهيا هئا ته گهوٽڪي ويجهو سرحد ريسٽ ايريا، لوڪيشن نمبر 464 وٽ مزدا ڊرائيور کي ننڊ اچڻ سبب گاڏي بيٺل ٽرالر سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ حادثو پيش آيو هوڏانهن ايس ايس پي موٽروي غلام قادر سنڌو ۽ ڊي ايس پي اقبال جاويد ٻٽ گهوٽڪي جي تعلقه اسپتال پهچي واقعي جا تفصيل معلوم ڪيا.

### بقايا عوامي سوچ 01

سطح جو ميگا پراجيڪٽ آهي، جنهن جو باضابط اعلان چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي جناب بلاول ڀٽو زرداري وڏي وزير سنڌ سان گڏ ڪيو هو. تعلقہ اسپتال گمبٽ ۾ سينيئر ڊاڪٽرن ۽ انتظامي عملي کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي چيو تہ صوبي ۾ صحت جي وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي هن هيلٿ سٽي پراجيڪٽ لاءِ لڳ ڀڳ 1300 ايڪڙ زمين مختص ڪئي ويندي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي حوالي سان هن چيو: آئون سنڌ جي عوام لاءِ 100 سالن کان وڌيڪ جو صحت جو منصوبو ٺاهي رهيو آهيان. ڊاڪٽر ڀٽي وضاحت ڪئي تہ گمبٽ هيلٿ سٽي هڪ جامع ويزن آهي جنهن ۾ پرائمري ميڊيڪل جا سڀئي شعبا ۽ ڪوارٽنري ڪيئر جا سڀئي شعبا شامل هوندا. هن منصوبي ۾ شامل هوندا _ ميڊيڪل، ڊينٽل ۽ فارماسيوٽيڪل ڪاليجز ايڊوانس پيرا ميڊڪس انسٽيٽيوٽ ۽ بايو ميڊيڪل ٽيڪنالاجي ڪاليجز فارما ۽ ميڊيسن انڊسٽريز، ريسرچ سينٽرز ۽ الائيڊ هيلٿ انسٽيٽيوٽس هي سڀئي شعبا گڏجي گمبٽ هيلٿ سٽي کي هڪ بين الاقوامي معيار جو ادارو بڻائيندا. هن وڌيڪ چيو تہ گمس اڳ ئي پاڪستان ۽ ايشيا جو هڪ معروف ادارو آهي. جيڪو جگر، گردن، بون ميرو، قرنيہ ۽ ڪوڪليئر امپلانٽ جهڙيون جديد ترين ڪوارٽنري ڪيئر جون سهولتون فراهم ڪري رهيو آهي. گمس هن وقت سنڌ، پاڪستان جو هڪ تسليم ٿيل تدريسي ۽ تعليمي ادارو آهي. جنهن ۾ ميڊيڪل ڪاليج، FCPS ۽ MCPS پروگرامن لاءِ پوسٽ گريجوئيٽ ڊائريڪٽوريٽ، ميڊيڪل ٽيڪنالاجي جا شعبا، ۽ ٻارن ۽ زنان بيمارين جا مخصوص انسٽيٽيوٽس شامل آهن. هن سلسلي ۾ تعلقہ اسپتال گمبٽ ۾ هڪ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سينيئر ڊاڪٽرن ۽ عملي سميت ايم ايس ڊاڪٽر ڪرامت علي ٽيبو، ڊي ايم ايس ڊاڪٽر ماجد علي منگي، ايچ او ڊي پيڊياٽرڪ ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر بختيار احمد پنهور، ڊاڪٽر آصف ڪهڙو، ڊاڪٽر ملهار بوزدار ۽ هيڊ ڪلارڪ عاشق علي شيخ شرڪت ڪئي. هن موقعي تي ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي چيو تہ وزير صحت ڊاڪٽر عذرا پيچوهو، چيف سيڪريٽري سنڌ ۽ سيڪريٽري صحت هن هيلٿ سٽي منصوبي ۾ عوامي مفاد ۽ سنڌ ۾ صحت جي مستقبل لاءِ تمام گهڻي دلچسپي وٺي رهيا آهن. هن ان کي سنڌ کي بين الاقوامي معيار جي طبي نگهداشت ۽ طبي تعليم جو مرڪز بڻائڻ طرف هڪ تاريخي قدم قرار ڏنو

### بقايا عوامي سوچ 02

پارٽي ڏني وئي ۽ آيل مهمان جو شاندار استقبال ڪيو ۽ آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت موجب اجرڪن جا تحفہ ڏنا ويا جڏهن تہ ڊنر جو بندوبست ڪيو ويو ان موقعي تي اشرف ٿانوري خليل احمد رفيق احمد لياقت ٻڙدي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا آخر ۾ آيل مهمانن پاران محمد مٺل جا ٿورا مڃيا

### بقايا عوامي سوچ 03

هال ۾ پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي بورڊ آف گورنر جي گڏجاڻي منعقد ٿي. گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڪمشنر ون سياش چندر، ڊپٽي ڪمشنر نواب سمير حسين لغاري، پرنسپل پبلڪ اسڪول ميرپورخاص پروفيسر عمران لاڙڪ، ٻين ميمبرن ۾ مير مظهر ٽالپر، حاجي محمد عمر ٻگهيو، ڊاڪٽر خادم حسين لاکير، ڊائريڪٽر سيڪنڊري اسڪولز ميرپورخاص محمد اقبال ڪنڀار، ڊاڪٽر محمد علي ٽالپر، ڊاڪٽر اقبال ناريجو، مير پرويز ٽالپر ۽ ٻين ميمبرن پڻ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو چيو تہ پبلڪ اسڪول ميرپورخاص بهترين تعليمي درسگاهہ آهي جنهن ۾ غريب ۽ هوشيار شاگرد پنهنجي تعليم پرائي رهيا آهن ۽ نوجوان شاگرد ئي مستقبل جا معمار آهن. ان موقعي تي پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي پرنسپل پروفيسر عمران لاڙڪ ٻڌايو تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران سنڌ جي ٻين پبلڪ اسڪولن جنهن ۾ پبلڪ اسڪول حيدرآباد. پبلڪ اسڪول گڏاپ ڪراچي، آئي بي اي پبلڪ اسڪول سکر کي سالانہ فراهم ٿيندڙ اسڪالرشپ بجيٽ وانگر پبلڪ اسڪول ميرپورخاص کي بہ غريب ۽ هوشيار شاگردن جي تعليم جي حصول ۾ مدد ڪرڻ ۾ لاءِ سالانہ اسڪالر شپ بجيٽ کي بہ روائيز ڪرايو وڃي جنهن تي ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو يقين ڏياريندي چيو تہ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن پاران پبلڪ اسڪول ميرپورخاص جي سالانہ اسڪالرشپ بجيٽ کي روائيز ڪرائڻ لاءِ اعلي اختيارين سان ڳالهايو ويندو ۽ روائيز اسڪالر شپ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي

### بقايا عوامي سوچ 04

سنڌي شاعريءَ سان انس ۽ محبت قابل رشڪ آهي. هو بدني بناوت ۾ گوتم ٻڌ جي ڀڪشوجيان ۽ ميران ٻائي جي هانئي جهڙو آهي، پر سندس تخيل ۾ وڏي اڏام ۽ گهرائي آهي. هو گهڻي طعام ۽ ڪلام کان پرهيز ڪندڙ شخص آهي، ائين لڳندو آهي تہ سندس اندر ۾ لقمان حڪيم سٿل آهي. جنهن پنهنجي خاموش ۽ منفرد مزاج سان فن، فڪر ۽ تخليق کي پنهنجي زندگيءَ بنائي ڇڏيو آهي. اهڙن خيالن جو اظهار اديبن، دانشورن، شاعرن، ساڃاهہ وندن اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر قادر بخش مگسي، اعظم ڀٽي، رفيق آس لغاري، آغا جان آغا، عبدالستار "آڪاش" تڪڙائي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، نور حسن ڀٽي، عاشق علي ڳاهو، محمد اشرف گنجلاڻي، ميان مختيار نظاماڻي، محمد علي "صارم" سرهيو، ومل کيمچند شرما، فياض لغاري، مظفر لغاري ۽ ٻين سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊي محمد خان پاران سنڌي ٻولي جي بهترين شاعر غلام نبي "شاعر" خاصخيلي سان ٽنڊي محمد خان ۾ رچايل ادبي رهاڻ ۽ کيس لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ ڏيڻ واري پروقار تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. هنن چيو تہ غلام نبي شاعر خاصخيلي جي ڪلام ۾ انيڪ ڪيفيتون آهن، جن کي ڪوبہ زنگ نٿو لڳي سگهي. نہ رڳو سندس تخلص "شاعر" آهي پر شاعرن پاران کيس بهترين شاعر تسليم بہ ڪيو ويو آهي. اسان اهڙن شاعرن ۽ اديبن جا وارث آهيون. هنن چيو تہ غلام نبي "شاعر" خاصخيلي جي شاعريءَ ۾ رومانوي رنگ سميت ڌرتيءَ جي ماڻهن جي ڏکن، دردن ۽ تڪليفن جي عڪاسي ٿيل آهي. سماجي روين، احساسن ، ڪيفيتن کي هن بهترين نموني نروار ڪيو آهي. سندس شاعريءَ ۾ شاندار تخيل سان گڏ صوفياڻو مزاج جا انيڪ روپ سمايل آهن.

هن وٽ سنسار لاءِ ڏوراپا بہ آهن تہ سنگسار ڪندڙ دلدارن جا پٿر بہ آهن، هن وٽ غم جي سوغات بہ آهي، غمخوار جو احساس بہ آهي. هن جي خيالن ۾ مئخانو بہ آهي، ساقي بہ آهي، جام بہ آهي تہ مئخوار جو انتظار بہ آهي. وٽس باطل اڳيان جهڪڻ جي روايت جو انڪار بہ آهي تہ اظهار بہ آهي. هن وٽ دار جي درد جي لذت بہ آهي، بلال جو گهاٽو بہ آهي تہ ان گهاٽي ۾ ديس جي خاطر گهڙي پوڻ جو وچن بہ آهي. سماجي اڻ برابري جي حوالي سان مانيءَ لاءِ منتظر اکين لاءِ قيامت جهڙو بہ منظر آهي تہ ڪشڪول جي ابوجهائي ۽ هيٺائي بہ آهي. سندس تخيل ۾ حاتم جي سخا جهڙي سونهن بہ آهي تہ وري صبح کان وٺي شام تائين در جهلي بيٺل پينار جي پيڙاءَ بہ آهي. سندس شاعريءَ ۾ سرمستي بہ آهي تہ اناالحق جي صدا بہ آهي. هن وٽ حجاب بہ آهن، خواب بہ آهن، گلاب بہ آهن، شباب بہ آهن، خطاب بہ آهن، ڪتاب بہ آهن تہ وري عذاب بہ آهن، جن جي اظهار لاءِ هو شاعريءَ وسيلي ڌرتيءَ تي پنهنجي نالي جا ٻوٽا پوکي چڪو آهي. ان موقعي تي محفل جي موڙ، سنڌي ٻولي جي خوبصورت شاعر غلام نبي "شاعر" خاصخيلي چيو تہ ڪتابن پڙهندي عمر گذري وئي، ورقن ۾ گم ٿي وياسين، اڃا تائين بہ سکون پيا ۽ اهو عمل جاري آهي. آئون تمام گهٽ ڳالهائيندو آهيان پر اڄ جيڪا محبت ۽ پذيرائي ملي آهي، ڄڻ تہ زبان کي طاقت ملي وئي آهي ، زبان کي لڳل تالو ڄڻ تہ اڄ آهستي آهستي کليو آهي. آئون ايڏو لهان ڪونہ ٿو، جيترا مون تي مالڪ جا ڪرم ۽ دوستن جا احسان آهن. مون ايترو ڪجهہ بہ ناهي ڪيو، جيتري مونکي محبت ملي آهي، بس محدود ذات وسيلي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. منهنجي شاعري جو هڪ بند آهي تہ "پڙهجي وئي نماز ۽ تدفين ٿي چڪي، اي منهنجا غمگسار! اڃا پيو وضو ڪرين!" بس مجموعي طور زندگيءَ ائين ئي آهي. ان موقعي کيس لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ پڻ ڏنو ويو تہ سمورو پنڊال تاڙين سان گونجي اٿيو. ان کان کيس اجرڪن، لنگين، گلدستن ۽ ڪتابن جا تحفا پڻ ڏنا ويا. تقريب ۾ نوجوان راڳي فضل لغاري خوبصورت ڪلام جهونگاري چارچنڊ اپاريا.

### بقايا عوامي سوچ 05

ان بروهي، مير شهمير رند، وڏيرو حبيب الله ملاح، اسدالله رند، قاسم سولنگي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو اهي، تہ سنڌن ڪوشش سان عوام کي سفر جون بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ٽنڊو محمد خان کان براءِ راست جهمپير، نوري آباد، سهراب ڳوٺ کان ڪراچي تائين هر اڌ ڪلاڪ بعد سنڌ AC وين سروس اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ شروع ڪئي وئي اهي، جنهن پرسڪون ماحول ۾ عوام پنهنجو سفر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. شاهجهان بروهي وڌيڪ چيو تہ ٽنڊو محمد خان، جهرڪ، جهمپير، نوري آباد جي عوام جي تڪليفن کي مد نظر رکندي انهن کي اها سفر جي بهتر سهوليت مهيا ڪئي وئي اهي، جيئن عوام وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهي. ٽرانسپورٽ ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي چيو تہ هن کان اڳ ٺٽي کان حيدرآباد تائين وين سروس جاري ڪرائي هئي، جيڪا پڻ پنهنجي روٽن تي ڪاميابي سان روان دوان آهي ۽ هاڻي سنڌ AC وين سروس ٽنڊو محمد خان کان ڪراچي تائين جهمپير، نوري آباد روٽ تان ايئرڪنڊيشنر وين سروس شروع ڪرائي اهي. جيئن عوام ان مان فائدو حاصل ڪري سگهي. هن چيو تہ سندس مقصد صرف عوام کي سفر جون بهتر سهولتون مهيا ڪرڻ آهي. جيئن عوام ان مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهي. هن چيو تہ سندس ڪوشش اهي تہ جلد رهيل ٻين روڊن، رستن تي پڻ وين سروس کي جاري ڪرايو ويندو. جيئن شهرن کان پري پري جا رهواسي پڻ شهرن سان ڳنڍجي سگهن.

### بقايا عوامي سوچ 06

, رشتيدارن، دوستن، مومنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، بانيان مجلس , سيد امداد علي شاهہ , ارشاد علي شاهہ ۽ جونيئر باقر علي شاهہ بخاري هئا، مجلس جي آخر ۾ نگر تقسيم ڪيو ويو

### بقايا عوامي سوچ 07

جيان جاري ٿيڻ ڪري وڏن ماڻهن سميت ٻارڙا بہ ان جا عادي بڻجي ان مرض ۾ مبتلا ٿي پنهنجون زندگيون تباهہ ڪرڻ لڳا آهن. پر حد جي پوليس توڙي انتظاميہ منشيات فروشن سان ڀاڳي ڀائيوار هجڻ ڪري انهن خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن ڪري کلي عام وڪرو ٿيندڙ ماوٿو، گٽڪو، سفينا، زيڊ ماوٿو، چرس، شراب، ٺرو، آئس سميت سموري منشيات کي ٻنجو ڏيئي منشيات فروشن کي گرفتار نہ ڪيو ويو تہ نوجوان نسل سموري منشيات جو عادي بڻجي پنهنجو پاڻ کي تباهہ ۽ برباد ڪري ڇڏيندو، جنهن کي روڪڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ جي سخت ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ ٺٽي جي ڪوهستاني علائقن جهمپير، لوٺي ڪوٽ، جنگهڙي، 35 ميل، 36 ميل، سپر هاءِ وي، نوري آباد سميت ڪوهستاني پٽي جي ڪيترن ئي متاثر رهواسين سماجي اڳواڻ ڪوهستاني محمد انور جاکرو ۽ ٻين دانهيندي انڪشاف ڪندي چيو اهي تہ ٺٽي ضلعي سميت ٺٽي جي ڪوهستاني جابلو علائقن جهمپير، لوٺي ڪوٽ، جنگهڙي، 35 ميل، 36 ميل، سپر هاءِ وي، نوري آباد ۽ ان جي اسپاس سميت جابلو علائقن ۾ باثر منشيات فروشن توڙي پوليس جي سرپرستي ۾ کلي عام ماوٿو، گٽڪو، سفينا، زيڊ ماوٿو، چرس، شراب، ٺرو، آئس سميت سموري منشيات کي کلي عام هر ڳوٺ توڙي ننڍن وڏن شهرن جي دڪانن، ڪئبنن تي کلي عام وڪرو ڪري گاڏيون توڙي موٽر سائيڪلون پري ايجنٽن معرفت منشيات کي اسپاس سميت ٻين وڏن شهرن ۾ وڪرو ڪري نوجوان نسل کي تباهہ ۽ برباد ڪيو پيو وڃي. ڪوهستاني محمد انور جاکرو چيو تہ گٽڪو، ماوٿو، سفينا ۽ ٻئي منشيات واپرائڻ ڪري اڪثر ماڻهون ڳلي توڙي وات جي بيمارين واري ڪينسر ۾ مبتلا ٿي رهيا آهن. جنهن ڪري هڪ طرف سندن وات نٿو کلي تہ ٻئي طرف ڳلو بند ٿيڻ ڪري ڪاڌو بہ هيٺ پيٽ ۾ وڃي نٿو سگهي. جڏهن تہ ڪچو شراب ٺرو پيئڻ ڪري انسان جو جگر ختم ٿيندو پيو وڃي. هنن چيو تہ اهڙي زهر ڦهلجڻ ڪري اسانجو نوجوان نسل تباهہ ٿيڻ توڙي موالين پاران نشي (منشيات) کي حاصل ڪرڻ لاءِ چوريون بہ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. جنهن ڪري ڳوٺاڻا موالين جي ان آزار سبب سخت پريشان آهن. ڪوهستاني محمد انور جاکرو ۽ ٻين ڪوهستان واسين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٺٽو ۽ ڄامشورو کان مطالبو ڪيو تہ فورن باثر منشيات فروشن توڙي سنڌن ساٿاري پوليس عملي خلاف سخت ڪاروايون ڪري جابلو ٽڪرين اندر قائم ڪيل سنڌن منشيات جا اڏا ختم ڪرائي نوجوان نسل کي وڌيڪ تباهي کان بچائي ضلعي ٺٽي سميت سموري ڪوهستاني پٽي کي منشيات کان پاڪ ڪيو وڃي. جيئن نوجوان نسل سک جو ساهہ کڻي بهتر تعليم پرائي پنهنجو مستقبل سنواري سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 08

ين کي منهن ڏيڻ لڳا آهن. ڪپرو ناڪو چوڪ تي ٻنهي پاسن کان ٺيلها ۽ چنگچي رڪشا بيهارڻ سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ ۽ بدترين ٽريفڪ جام روز جو معمول بڻجي ويو آهي. جڏهن تہ شهرين کي منٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ طئي ڪرڻو پوي ٿو شهر جي اهم روڊن جناح روڊ، اقبال روڊ ۽ سر سيد روڊ تي بہ رڪشا ۽ ٺيلها بيهارڻ سبب ٽريفڪ جي رواني ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن. شهرين جو چوڻ آهي تہ اهم چوڪن ۽ روڊن تي ٽريفڪ جي نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ اثرائتا قدم نہ کڻڻ سبب عوام کي سخت تڪليف برداشت ڪرڻي پوي ٿي.

### بقايا عوامي سوچ 09

وٽ پڪوئو ۾ ٻارن ۾ جهيڙي جي معمولي ڳالهہ تان وحشي ننڍي ڀاءُ امرت ولد اميدو ميگهواڙ ننڊ ۾ سٺل پنهنجي وڏي ڀاءُ پمن ولد اميدو ميگهواڙ کي مٿي تي لٺين جا وار ڪري مغز ڦاڙي وڌو جنهن کي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال مٺي کان ڪراچي جي ٽراما سينٽر ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هو آخرڪار زخمن جا تاب نہ سهندي فوت ٿي ويو آهي. فوتي ٽن ٻارن جو پي هو سندس لاش کي وارثن جي موجودگي ۾ سول اسپتال مٺي مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو. فوتي جو لاش ڳوٺ پهچڻ ۾ گهرن ۾ ڪهرام مچي ويو. جڏهن تہ وحشي جوابدار امرت ميگهواڙ کي مٺي پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي پر آخري اطلاعن تائين مٿس ڪيس داخل نہ ٿي نہ سگهيو آهي

### بقايا عوامي سوچ 10

ملي سگهيو، ٽن نياڻين جي پيءُ جي واپسي لاءِ گهرواري ۽ معصوم ڌيءَ جون روئي روئي ايس ايس پي ٺٽو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي اپيلون. ٺٽو شهر جي محلي جو هڪ غريب پورهيت، جيڪو پنهنجي ٻچن لاءِ ننڍڙو خواب ڏسي بينڪ مان قرض کڻي ٿو، پر اهو خواب ئي سندس زندگي جو عذاب بڻجي وڃي ٿو. ٺٽو جو رهواسي انور حسين سومرو، جيڪو گذريل ٻن سالن کان پراسرار طور گم آهي. سندس ڪٽنب اڄ بہ سندس واٽ ۾ اکيون وڇائي ويٺو آهي. گم ٿيل جي گهر واري صاليحان سومرو ٻڌايو تہ ٻہ سال اڳ هن جي مڙس بينڪ مان لون کڻي گهٽي ۾ ٻارن جي رانديڪن ۽ شين جو هڪ ننڍڙو دڪان کوليو. اميد هئي تہ ٻچن جو پيٽ پاليندو، پر هڪ رات چور سندس سمورو سامان کڻ وانگر لٽي ويا. ٿاڻي تي اين سي بہ داخل ڪرائي، پر نہ سامان مليو نہ انصاف. قرض وارن جي روز جي تڪرار ۽ پريشاني کان تنگ ٿي، هڪ ڏينهن انور ڪاوڙ ۾ گهر کان نڪري ويو، وڃڻ کان ڪجهہ ڏينهن پوءِ هن ڪنهن اجنبي هٿان گهر ڪجهہ پئسا موڪليا، اهو سندس آخري رابطو هو. ان کان پوءِ فون بند، رابطو ختم. ۽ هڪ پيءُ هميشہ لاءِ گم. صاليحان سومرو چيو تہ منهنجون ٽي ئي نياڻيون آهن. هڪ کي پڙهائي ڇڏيو، ٻي معصوم ڪراچي جي ڪنهن ڪارخاني ۾ نوڪري ڪري پنهنجي ماءُ ۽ پيٽ جو پيٽ پالي ٿي. ۽ ٽين ننڍڙي آمنا هر رات پنهنجي پيءُ جي تصوير کي سيني سان لائي روئي ٿي. هن چيو تہ اسان غريب آهيون، اسان وٽ نہ وسيلا آهن نہ پهچ. اسان ٿاڻن جا چڪر ڪٽي ٿڪجي پيا آهيون. آخر ۾ روئندي هن ڊي آءِ جي حيدرآباد طارق رزاق ڌاريجو ۽ ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو کي هٿ ٻڌي اپيل ڪئي آهي تہ خدا جي واسطي منهنجي مڙس انور حسين سومرو کي ڳولڻ ۾ مدد ڪيو. منهنجي نياڻين کي سندن پيءُ واپس ڏياريو

### بقايا عوامي سوچ 11

مينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبلٽيز (DEPD) سکر ريجن جي آفيس ۾ هڪ اهم اجلاس ريجنل ڊائريڪٽر عبدالقدوس ميمڻ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو، جنهن ۾ راندين جي مقابلن، رانديگرن جي شرڪت، افتتاحي ۽ اختتامي تقريبن سميت مختلف انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ DEPD جي فوڪل پرسن فار اسپورٽس رئيس حيدر شاهہ، ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر سکر اخلاق احمد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ريجن جي مختلف ادارن جي سربراهن ۽ نمائندن. جڏهن تہ ڊيف ريج جي نمائندن پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي ريجنل ڊائريڪٽر عبدالقدوس ميمڻ چيو تہ سنڌ اسپيشل گيمز جو بنيادي مقصد معذور ماڻهن ۾ راندين جي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ، سندن خود اعتمادي وڌائڻ، صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ کين سماجي سرگرمين ۾ ڀرپور شرڪت جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي. هن چيو تہ راندين ذريعي معذور ماڻهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ سان گڏ کين پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ بهتر ماحول فراهم ڪري سگهجي ٿو. اجلاس ۾ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ کانپوءِ فيصلو ڪيو ويو تہ سنڌ اسپيشل گيمز 4 کان 6 نومبر 2026ع تائين سکر اسپورٽس ڪلب ۾ منعقد ڪيون وينديون. جڏهن تہ افتتاحي تقريب 4 نومبر تي شام جو 4 وڳي ٿيندي. راندين جي مختلف مقابلن، شرڪت ڪندڙ ادارن ۽ رانديگرن جي انگ بابت فهرست کي پڻ حتمي شڪل ڏني وئي. ان موقعي تي اسپورٽس آفيس سکر پاران رانديگرن ۽ آفيسرن ۽ اسپورٽس ڪٽس ورهايون ويون. اجلاس ۾ سکر ۽ لاڙڪاڻي ريجن جي سمورن DEPD سينٽرن کي هدايت ڪئي وئي تہ اهي پنهنجن شاگردن ۽ عملي جي راندين جي افتتاحي ۽ اختتامي تقريبن ۾ شرڪت يقيني بڻائين. تقريبن ۾ شرڪت ڪندڙ معاون عملي لاءِ لباس جو ضابطو پڻ طئي ڪيو ويو. اجلاس ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ سکر ريجن جون چونڊيل غير سرڪاري تنظيمون (اين جي اوز) ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا راندين جي افتتاحي ڏينهن، يعني 4 نومبر تي، پنهنجا اسٽال لڳائيندا. هر اسٽال جو ماپ 12 12 فوٽ هوندو. جيڪو اسپورٽس ڊپارٽمينٽ سکر پاران فراهم ڪيو ويندو. جڏهن تہ لاڳاپيل اين جي اوز ۽ ادارا 3 10 فوٽ ماپ جا پنهنجا بينر پاڻ تيار ڪرائيندا. اجلاس دوران سمورن ادارن جي سربراهن ۽ لاڳاپيل نمائندن کي هدايت ڪئي وئي تہ اهي راندين جي ڪامياب انعقاد لاءِ پنهنجون تياريون مقرر وقت اندر مڪمل ڪن ۽ سمورن لاڳاپيل ادارن سان ويجها رابطا ۽ بهترين سهڪار برقرار رکن، جيئن مقابلن ۽ تقريبن کي منظم طريقي سان منعقد ڪري سگهجي. اجلاس جي پڄاڻيءَ تي سمورن شرڪت ڪندڙن سنڌ اسپيشل گيمز سکر 2026ع کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ پنهنجي ڀرپور سهڪار ۽ تعاون جو يقين ڏياريو.

### بقايا عوامي سوچ 12

ا هيلٿ، نرسنگ اسٽاف جي گڏيل جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جو احتجاج. احتجاج ڪندڙن ۾ ينگ ڊاڪٽر ايسوسيئيشن جي يونٽ مڪلي جي صدر گل محمد قاضي، ڊاڪٽر مجاز قريشي، ڊاڪٽر مبشر جوکيو، ڊاڪٽر منير جوکيو، ڊاڪٽر برهان غني ميمڻ، ڊاڪٽر حبيب الله جوکيو، ڊاڪٽر منيش ڪمار، ڊاڪٽر اظهر قريشي، ڊاڪٽر شبنم پليجو، آپڪا اڳواڻ شاهنواز خشڪ، حاجي اعجاز مغل، آڪاش پليجو، پيرا ميڊيڪل اڳواڻ محمود پنهور، لياقت عباسي، گبو خشڪ، ۽ ٻين پاران ايڊمنسٽريشن بلاڪ سامهون احتجاج ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر پيشو هڪ مسيحائي پيشو آهي. ڊاڪٽر ڪڏهن بہ ڪنهن مريض کي مارڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي. ڊاڪٽر پيشو اهو آهي جنهن مريض مان گهر وارا بہ تنگ ٿي تا پون ان جي خدمت ۽ اسان سان سلهاڙيل عملو ۽ ڊاڪٽر ڪندا آهن اڳواڻ چيو تہ حيدرآباد ۾ ڊاڪٽرن مٿان ضمانت نہ ٿيندڙ وارنٽ جاري ڪرڻ هڪ مسيحائي پيشي سان ناانصافي آهي. اڳواڻ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۽ هاءِ ڪورٽ آف سنڌ کان نوٽيس وٺي مسيحائي پيش سان سلهاڙيل ڊاڪٽرن سان انصاف ڪيو وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 13

عورتن کي عدالتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اهم قدم. چيف جسٽس جون عدالتي آفيسرن ۽ ضلعي بار جي ميمبرن سان ملاقاتون تفصيل موجب چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ مٽياري جي ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ جو دورو ڪيو. جتي هن عورتن لاءِ قائم ڪيل سهولت مرڪز جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي عدالتي عملدارن ۽ وڪيل برادري پاران چيف جسٽس جي دوري کي عدالتي معاملن جي حوالي سان اهميت حاصل رهي. دوري دوران چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ مقرر عدالتي آفيسرن سان ملاقات ڪئي. جتي عدالتي معاملن، ڪاروائين ۽ ٻين لاڳاپيل معاملن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات جو مقصد عدالتي نظام سان لاڳاپيل معاملن تي ڳالهہ ٻولهہ ۽ عدالتي آفيسرن سان رابطي کي هٿي ڏيڻ هو. ان موقعي تي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ضلعي بار مٽياري جي ميمبرن سان پڻ ملاقات ڪئي. جتي وڪيل برادري سان عدالتي معاملن ۽ وڪيلن سان لاڳاپيل مختلف پهلوئن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ضلعي بار جي ميمبرن سان ملاقات کي عدليہ ۽ وڪيل برادري وچ ۾ رابطي جي حوالي سان اهم قرار ڏنو پيو وڃي. چيف جسٽس پاران عورتن جي سهولت مرڪز جو افتتاح عدالتي نظام ۾ عورتن کي گهربل سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عدالتن ۾ ايندڙ عورتن لاءِ بهتر سهولتن جي فراهمي ڏانهن هڪ اهم اڳڀرائي آهي. اهڙن سهولت مرڪزن جو مقصد عورتن کي عدالتي عمل دوران سهولت ۽ معاونت فراهم ڪرڻ آهي، تہ جيئن هو پنهنجا قانوني معاملا وڌيڪ آسانيءَ سان اڳتي وڌائي سگهن. چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي دوري جي موقعي تي ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ مٽياري ۾ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا هئا. دوري دوران عدالتي آفيسرن ۽ ضلعي بار جي ميمبرن سان ملاقاتن سميت عورتن جي سهولت مرڪز جو افتتاح خاص اهميت جو حامل رهيو

### بقايا عوامي سوچ 14

بي ڪٽي جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن سندس شاندار استقبال ڪيو. ان موقعي تي ڪارڪنن مٿس گلن جي ورکا ڪئي ۽ سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪون اوڍائي آجيان ڪئي. استقبال کان پوءِ صنعان خان قريشي جو قافلو پير پٺي روانو ٿيو، جتي هن ٽوڙهي قائد جي شهيد مالڪ خشڪ جي مزار تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي ۽ قومي ترانو پڙهي شهيد کي سلامي پيش ڪئي. ان موقعي تي ڪارڪنن کي خطاب ڪندي جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي چيو تہ ٽوڙهي قائد جا شهيد سنڌ جي سچائي، بهادري ۽ قومي جدوجهد جا روشن نشان آهن. جن کي سنڌي قوم ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي. شهيدن جي قربانين کي تاريخ ضرور ياد رکندي ۽ سندن رت سان تاريخ انصاف ڪندي. هن چيو تہ سائين جي ايم سيد جي عدم تشدد واري فڪر ۽ پرامن جدوجهد جي واٽ تي هلندڙ سنڌ يونيورسٽي جي جساف شاگردن جي گوليون هلائي کين شهيد ڪيو ويو، اڄ اسان انهن شهيدن کي قومي سلام پيش ڪرڻ ۽ سندن قربانين کي ڀيٽا ڏيڻ لاءِ پهتا آهيون. صنعان خان قريشي وڌيڪ چيو تہ اسان سنڌ جي انچ انچ جا وارث آهيون ۽ ڌرتيءَ ماءِ جي هڪ ٽڪري تي بہ ڌارين جو قبضو قبول نہ ڪنداسين. سنڌي ماڻهن جي حقن جي حاصلات، سنڌ جي وسيلن جي تحفظ ۽ قومي مفادن لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي. جسقم چيئرمين چيو تہ سنڌ جا وسيلا، زمينون ۽ روزگار جا موقعا سنڌ جي ماڻهن جي حق ۽ مفادن کي نظر ۾ رکندي استعمال ٿيڻ گهرجن هن مطالبو ڪيو تہ سنڌ مان بک، بدحالي، بيروزگاري ۽ مهانگائي ۽ لاقانونيت جو خاتمو ڪري صوبي ۾ امن انصاف ۽ قانون جي حڪمراني قائم ڪئي وڃي. هن چيو تہ سنڌ جي ماڻهن کي بنيادي حق، روزگار جا موقعا ۽ پنهنجي وسيلن تي اختيار ملڻ گهرجي جيئن سنڌ ۾ خوشحالي ۽ امن جو ماحول پيدا ٿي سگهي.

### بقايا عوامي سوچ 15

ڪيو ويو، جنهن ۾ عاشقان رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جلسي دوران نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سيرتِ مبارڪ، تعليمات ۽ انسانيت لاءِ ڏنل پيغام تي روشني وڌي وئي، جلسي جي اڳواڻي فقير وسيم شينو، فقير فرقان زرداري، فقير شاهنواز ۽ فقير نياز شينو ڪئي. جڏهن تہ ٻين مذهبي اڳواڻن ۽ عاشقان رسول ﷺ پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي درگاهہ مشوري شريف جي محبوب مرشد ڪريم سائين منظور احمد عرف مسڪين سائين ۽ سندس فرزند مرشد ڪريم المجيد سائين خطاب ڪندي چيو تہ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سيرتِ طيبہ سڄي انسانيت لاءِ روشن مثال آهي. پاڻ ﷺ سڳورن ﷺ جي تعليمات تي عمل ڪرڻ، سندن ڏيکاريل واٽ اختيار ڪرڻ ۽ اعليٰ اخلاقي اصولن کي زندگيءَ جو حصو بڻائڻ سان دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي. هنن چيو تہ نبي ڪريم ﷺ پنهنجي زندگيءَ ۾ سادگي، عاجزي، محبت، رواداري ۽ انصاف جو عملي درس ڏنو. اسان سڀني کي گهرجي تہ پاڻ سڳورن ﷺ جي نقش قدم تي هلندي ڪنهن سان بہ ناانصافي نہ ڪريون، ڪنهن جو حق نہ کسيون، حق ۽ سچ جو ساٿ ڏيون ۽ معاشري ۾ محبت، امن، ڀائيچاري ۽ انسانيت جي خدمت کي هٿي وٺرايون. جلسي دوران مشهور نعت خوان فقير واجد قاسمي، فقير عاجز جمالي ۽ لاڙڪاڻي جي فقير ضياءَ جمالي بارگاهہ رسالت ﷺ ۾ عقيدت ۽ محبت سان نعتون پيش ڪيون. جنهن سان محفل جو ماحول روحاني ۽ ايماني جذبن سان سرشار ٿي ويو، جلسي ۾ شرڪت ڪندڙن کي نبي ڪريم ﷺ سان محبت، سندن سيرتِ مبارڪ تي عمل ڪرڻ ۽ اسلامي تعليمات کي عام ڪرڻ جو پيغام ڏنو ويو. ان موقعي تي حفاظت لاءِ سيڪيورٽي جا سخت انتظام پڻ ڪيا ويا.S

### بقايا عوامي سوچ 16

جا دورا، غريب ۽ مسڪين ماڻهن سان ملاقاتون غربت جو خاتمو رڳو نعرا هڻڻ سان ممڪن ناهي، پر گڏيل ڪوششن، عملي قدمن ۽ انسانيت جي خدمت سان ئي هڪ خوشحال معاشرو قائم ڪري سگهجي ٿو: اڳواڻ غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي اولہ پريس ڪلب ڪراچي رجسٽرڊ جي ٽيم ضلعي ويسٽ ڪراچي جي مختلف ٽائونن جا دورا ڪري غريب، مسڪين ۽ ضرورت مند ماڻهن سان ملاقاتون ڪيون ۽ سندن حال احوال معلوم ڪيو ان موقعي تي اولہ پريس ڪلب ڪراچي رجسٽرڊ جي صدر محمد اصغر پاتاڻي، جنرل سيڪريٽري محمد علي وگهيو ۽ سينيئر صحافي عبدالعليم ميمڻ مختلف علائقن ۾ پهچي غريب ماڻهن جي زندگيءَ جي حالتن، معاشي پريشانين ۽ بنيادي ضرورتن بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. ٽيم جو چوڻ هو تہ غربت اڄ بہ اسان جي معاشري جو هڪ اهم مسئلو آهي، جنهن سبب ڪيترائي خاندان ٻن ويلن جي ماني، ٻارن جي تعليم، علاج ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم آهن. غربت جي خاتمي لاءِ ضروري آهي تہ مستحق ماڻهن جي مدد ڪرڻ سان گڏوگڏ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا وڃن، تعليم ۽ صحت جون سهولتون بهتر بڻايون وڃن ۽ غريب طبقي کي معاشي طور مضبوط ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کنيا وڃن. هنن چيو تہ غربت جي خاتمي جو عالمي ڏينهن اسان کي اهو احساس ڏياري ٿو تہ معاشري جي محروم ۽ پيڇڙيل طبقن کي نظرانداز ڪرڻ بدران انهن جي ڏکن، تڪليفن ۽ مسئلن کي سمجهڻ گهرجي. غريبن جي مدد صرف هڪ ڏينهن تائين محدود نہ هجڻ گهرجي، پر سندن سهائتا لاءِ سال جا 365 ڏينهن گڏيل ڪوششون جاري رکڻ گهرجن. اولہ پريس ڪلب ڪراچي رجسٽرڊ جي ٽيم ان عزم جو اظهار ڪيو تہ صحافت جو مقصد رڳو خبرون پهچائڻ نہ، پر معاشري جي محروم ماڻهن جي آواز کي اعليٰ ايوانن تائين پهچائڻ، سندن مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ حقن لاءِ آواز اٿارڻ پڻ آهي. ٽيم حڪومت، چونڊيل نمائندن، سماجي تنظيمن، مخير حضرات ۽ وس وارن ماڻهن کي اپيل ڪئي تہ اهي غربت جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن، جيئن ڪو بہ غريب خاندان بک، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ڏکيائين جو شڪار نہ ٿئي

### بقايا عوامي سوچ 17

الڪ خشڪ جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ۽ شهيد کي سلامي پيش ڪئي. ان موقعي تي ياسر حميد سنڌي، اياز شاهہ ياڏائي، ٻبلو گهوٽو، شاهزيب شاهہ ياڏائي، زاهد شيخ، رحيم بخش بڪيرو، خدابخش ملاح، امان الله ميربحر، شوڪت شاهہ ياڏائي، مراد علي چاڙو، رسول بخش ملاح، شهزاد شاهہ ياڏائي، اسحاق ملاح، فياض شاهہ سميت سوين ڪارڪن قافلي ۾ شريڪ هئا. قومپرست اڳواڻ سيد راشد شاهہ ياڏائي شهيد مالڪ خشڪ کي ڀيٽا پيش ڪندي سندس قربانين کي ياد ڪيو شهيد جي مزار تي حاضريءَ دوران ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري شهيد سان پنهنجي عقيدت ۽ احترام جو اظهار ڪيو!

### بقايا عوامي سوچ 18

هو پر هن نثر ۾ بہ قلم ملهايو ۽ ٻالڪ ادب تي ڪتاب لکيو: سائر پاٽوجو استاد بخاري سنڌ جو اهو يگانو انقلابي شاعر هو. جنهن نوجوانن ۾ اتساهہ پيدا ڪيو: خيال کتري استاد بخاريءَ جي شاعري تي ناقدانا ڳوڙهي نظر وجهڻ جي ضرورت آهي: عبدالرزاق ميمڻ استاد بخاري هڪ ئي وقت شاعر، اديب، ساڃاهہ وند، مفڪر، استاد ۽ سنڌ ۽ ان جي مارن جو عاشق پڻ هو: رفيق احمد سومرو تفصيل موجب سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ طرفان استاد بخاريءَ جي ياد ۾ ميڙاڪو ٿي گذريو. جنهن جي صدارت نوجوان ليکاري رفيق احمد پنهور ڪئي. جڏهن تہ اعزازي مهمان طور ساس اڏيرو لعل وليج جو سيڪريٽري سائر پاٽوجو ۽ ڪائونسلر خالص بخاري شرڪت ڪئي. جڏهن تہ ڪاروائي رفيق احمد سومرو هلائي. گڏجاڻيءَ ۾ محمد اسلم ميمڻ تلاوت حافظ حزب الله ميمڻ نعت پيش ڪئي. جنهن بعد بهترين ليکڪ، ڊرامہ نويس، افسانہ نگار، فلمساز محمد بچل ميمڻ "منهنجي موبائل" تي هڪ پُر تجسس مختصر افسانو پيش ڪيو. جنهن ۾ هن هلندڙ وقت جي نوجوانن ۾ موبائيل جي هيڪاندي چَسَ کي نروار ڪيو. ان بعد رفيق احمد سومرو استاد بخاريءَ تي پنهنجو مقالو پيش ڪيو. جنهن ۾ هن چيو تہ استاد بخاري هڪ ئي وقت شاعر، اديب، ساڃاهہ وند، مفڪر، استاد ۽ سنڌ ۽ ان جي مارن جو عاشق پڻ هو. جنهن پنهنجي سموري زندگي نوجوانن جي انقلابي ادبي آبياري ڪري، انهن ۾ آجپي سان جياپي جو اتساهہ پيدا ڪيو. جنهن بعد عبدالرزاق ميمڻ استاد بخاريءَ جي شاعري تي ناقدانا ڳوڙهي نظر نہ رڳو پاڻ وڌي، پر ٻين کي بہ استاد بخاريءَ جي شاعريءَ تي ڳوڙهو اڀياس ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ چيو تہ هر شاعر جي هر پهلوءَ کي پروڙڻ ۽ پرکڻ گهرجي، تہ جيئن شاعر جي حقيقي پورهئي کان واقف ٿي سگهجي. ان بعد خيال کتري استاد بخاريءَ جي چند شعرن تي ڳالهائيندي چيو تہ، استاد بخاريءَ مشهور هئڻ جو سبب سندس شاعريءَ ۾ حقيقت کي سادگيءَ سان پيش ڪيو ويو آهي. جنهن ڪري اُن کي هر خاص تہ خاص پر عام ماڻهو بہ سمجهي وڃي ٿو. ٻيو اهم سبب اهو تہ هن پنهنجيءَ ڌرتيءَ ۽ ان جي مارو ماڻهن جي ڳالهہ کي اوليت جي بنيادن تي پنهنجي تخليقن ۾ آندو آهي. جنهن ڪري پڻ کيس هر عام ۽ خاص محبت جي نگاهن سان ڏسي ٿو. ان بعد اعزازي مهمان فقير ديدار علي سائر پاٽوجو استاد بخاريءَ جي شخصيت تي ڳالهائيندي چيو تہ هو هڪ وڏو ڪلاڪار آهي. جنهن جي پائي جهڙو شاعر حاضر وقت ۾ ملڻ مشڪل آهي. سندس ڪيترائي ڪتابَ شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ نہ رڳو وڏن لاءِ پر ٻالڪ ٻاراڻي ادب تي پڻ پنهنجيون خدمتون سرانجام ڏنيون. ۽ انهن جي لاءِ الڳ ڪتاب لکيائين. ان بعد ٻئي اعزازي مهمان خالص بخاري پڻ استاد بخاريءَ کي ڀيٽا پيش ڪندي، پنهنجي خوبصورت شاعري پيش ڪئي. آخر ۾ صدارتي راءِ ڏيندي رفيق احمد پنهور چيو تہ سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي واحد ادبي سنگت آهي. جيڪا پنهنجي سنڌ جي ڏاهن، ساڃاهہ وندن، مفڪرن، مدبرن، شاعرن ۽ اديبن کي ياد ڪندي. انهن جا ڏهاڙا ملهائي، نوجوان نسل کي ڄاڻ ڏيڻ ۽ انهن جي ڪارنامن کان آگاهي ڏيڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهي آهي. جنهن جي هڪ ڪڙي اڄوڪو پروگرام پڻ آهي. آئون جس ٿو ڏيان مٽياري شاخ کي جيڪا پنهنجيون سرگرميون وقت سِر ڪندي پئي اچي. ۽ پنهنجي اديبن، شاعرن ۽ ساڃاهہ وندن کي ياد ڪندي رهي ٿي. گڏجاڻيءَ ۾ سيد شهباز لطيف، آصف جان سومرو، غلام حيدر سومرو ۽ رفيق ميمڻ پڻ شرڪت ڪئي.

### بقايا عوامي سوچ 19

فقيرآباد: وفا جاگيراڻي، فريد خاصخيلي، علي رضا شيخ، طارق جتوئي، نواز شنباڻي، ۽ ٻين طرفان مظاهرو ڪيو ويو فقيرآباد: استاد آصف لاڪائي هڪ سماج سڌارڪ انسان آهي، جيڪو هميشہ سنڌ جي هر مسئلي تي حق سچ جو آواز بڻجي لڪندو آهي جنهن مٿان داخل ڪيل ڪيس جي مذمت ڪيون ٿا: اڳواڻ فقيرآباد: پوليس ڪرمنل رڪارڊ رکندڙ ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ بجاءِ استاد آصف لاڪائي تي ڪيس داخل ڪيو آهي، هي ڪيس ختم نہ ڪيو ويو تہ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو: چتاءُ

### بقايا عوامي سوچ 20

ن ۽ سنڌن مينيجر حسين بخش لاکو وارن گڏجي ڪنڊواسٽاپ تي قاضي آباد ٽائون جي نالي سان پلاٽنگ ڪئي ۽ اسان کي چيو ويو تہ توهان پلاٽ خريد ڪريو توهان کي پاڻي بجلي گئس ڊرينيج صحت تعليم مدرسو پارڪ مسجد اسڪول سميت سڀ سهولتون ڏنيون وينديون جنهن بعد اسان ماڻهن گهر جو مال سون ڪپائي قرض کڻي پلاٽ خريد ڪيا پلاٽ جا مڪمل پئسا ڏيڻ باوجود مون کي پلاٽ جي رجسٽري ڪاغذ نہ ملي سگهيا آهن هن وقت بہ هن ڪالونيءَ ۾ 120 کان وڌيڪ گهر آباد آهن سوين ماڻهو رهن پيا بنيادي سهولتون نہ ملڻ ڪري ماڻهو پريشانين ۾ ورتل آهن ۽ عورتن سميت ٻارڙا تڪليفن کي منهن ڏيئي رهيا آهن آئون سڀني وس وارن کي گزارش ٿو ڪريان تہ مون کي پلاٽ جو رجسٽري ڪاتو ڏنو وڃي ۽ هتان جي رهواسين کي بنيادي سهولتون ڏنيون وڃن

### بقايا عوامي سوچ 21

پوليس ڳوٺ درياءَ خان ٽالپر پرسان شهرين کان ڦر ڪندڙ مبينا جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. جڏهن تہ ٻہ جوابدار فرار ٿي ويا. پوليس موجب ڦر جي اطلاع ملڻ بعد ايس ايچ او ڀٽ شاهہ شاهنواز خاصخيليءَ جي اڳواڻي ۾ پوليس پارٽي واقعي واري هنڌ پهتي، جتي جوابدارن پوليس تي فائرنگ ڪئي، جنهن تي مبينا پوليس مقابلو ٿيو. مقابلي دوران دلبر ڪوسو ولد جوڳي عرف جوڳ ڪوسو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو. پوليس دعويٰ ڪئي آهي تہ گرفتار جوابدار وٽان ڦريل موبائل فون، روڪ رقم ۽ بنا لائسنس پسٽل هٿ ڪيو ويو آهي فرار ٿيل جوابدارن ۾ محمد خان ڪوسو ولد جوڳي عرف جوڳ محمد ڪوسو ۽ ذوالفقار ڪوسو ولد بشير احمد ڪوسو شامل آهن، جن جي گرفتاريءَ لاءِ پوليس جون ڪارروايون جاري آهن. زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي.

### بقايا عوامي سوچ 22

دن کي ليپ ٽاپ، ڪمپيوٽر ۽ اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون. تقريب کي خطاب ڪندي جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف چيو تہ ملڪ ۾ مهانگائي سبب غريب ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن ۽ اٽو 180 رپيا ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي. هن چيو تہ پنهنجي ٽائون چيئرمين واري 3 سالن جي دور ۾ هڪ رپئي جي بہ ڪرپشن نہ ٿيڻ ڏني. ڇاڪاڻ تہ نيت صاف هجي تہ بغير ڪرپشن جي بہ ترقي ممڪن آهي. هن وڌيڪ چيو تہ جماعت اسلامي ۽ الخدمت فائونڊيشن جي پليٽ فارم تان ٿرپارڪر ۾ بلا رنگ و نسل تعليم، صحت ۽ صاف پاڻيءَ جي مد ۾ اربين رپين جا فلاحي ڪم ڪيا ويا آهن. هن ملڪ ۾ منشيات ۽ شراب جي عام ٿيڻ تي تشويش ظاهر ڪندي ان جي سخت مذمت ڪئي ۽ چيو تہ ان سان نوجوان نسل تباهہ ٿي رهيو آهي. هن چيو تہ هو ٿرپارڪر کي اسلام آباد جهڙو ترقي يافتہ ماڊل بڻائڻ چاهين ٿا. پر افسوس جو هتي اڄا تائين ٻار بک ۽ اڃ وگهي مري رهيا آهن. پيپلز پارٽي جي 15 سالن جي اقتدار تي تنقيد ڪندي هن چيو تہ ٿر ۾ تباهيءَ ڪانسواءِ ڪجهہ ناهي ٿيو ۽ نہ ئي ڪو ميگا پراجيڪٽ يا بنيادي سهولتون جهڙوڪ صحت، تعليم ۽ پيئڻ جو پاڻي موجود آهي.

### بقايا عوامي سوچ 23

حاضري، چادر چاڙهي ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون سنڌ جي مشهور ليکڪ ۽ موٽيويشنل اسپيڪر سيد مهربان علي شمسي سبزواري تبريزي مٽياري جي دوري تي پهتا، جتي سنڌ سيد ايسوسيئيشن سنڌ جي مرڪزي صدر سيد غلام محي الدين جاني شاهہ حسيني ۽ ٻين معزز شخصيتن طرفان سندن آجيان ڪئي وئي. سيد مهربان علي شمسي سبزواري تبريزي. سيد غلام محي الدين جاني شاهہ حسيني سان گڏ مٽياري جي عظيم صوفي بزرگ حضرت سخي هاشم شاهہ رحہ جي مزار تي حاضري ڀري، چادر چاڙهي ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ملڪ ۽ قوم جي سلامتي، امن، خوشحالي، ترقي ۽ ڀائيچاري لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. ان کان علاوه سيد مهربان علي شمسي سبزواري تبريزي حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جي مزار تي پڻ حاضري ڀري، چادر چاڙهي ۽ سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ امن ۽ محبت جي واڌاري لاءِ دعا گهري. ان موقعي تي سيد مهربان علي شمسي سبزواري تبريزي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو تہ مٽياري جي سرزمين عظيم صوفي بزرگن، اوليائن ۽ معزز ساداتن جي ڌرتي آهي، جتي محبت، امن، رواداري ۽ انسانيت جو پيغام ملي ٿو. سنڌ هميشہ امن، محبت ۽ ڀائيچاري جي ڌرتي رهي آهي. جڏهن تہ صوفي بزرگن جي تعليمات انسانن کي پاڻ ۾ پيار، برداشت ۽ احترام سان رهڻ جو درس ڏين ٿيون. هن وڌيڪ چيو تہ مٽياري جي عظيم ساداتن ۽ صوفي بزرگن جي مقدس مزارن جي زيارت نصيب ٿيڻ سندس لاءِ وڏي خوش نصيبي ۽ روحاني سعادت آهي. سيد جاني شاهہ حسيني، سندن فرزند سيد غلام مصطفيٰ شاهہ حسيني ۽ ٽنڊو محمد خان مان آيل سلال شاهہ بخاري سميت ٻين معزز شخصيتن سان گڏ انهن مقدس ماڳن تي حاضري ڏيڻ سندس لاءِ وڏي نعمت کان گهٽ ناهي. دوري دوران سنڌ جي صوفي بزرگن جي خدمتن ۽ تعليمات کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو. صوفي بزرگن جو پيغام محبت، امن، رواداري، انسانيت ۽ ڀائيچاري تي ٻڌل آهي، جيڪو اڄ بہ معاشري ۾ اتحاد، هم آهنگي ۽ امن جي واڌاري لاءِ اهم حيثيت رکي ٿو. سيد مهربان علي شمسي سبزواري تبريزي جي مٽياري آمد ۽ تاريخي صوفي بزرگن جي مزارن تي حاضري سنڌ جي روحاني، صوفي ۽ ثقافتي روايتن سان محبت ۽ وابستگيءَ جو خوبصورت اظهار قرار ڏني وئي

### بقايا عوامي سوچ 24

ب آءِ بي اي آڊيٽوريم، صدر ڪيمپس، ڪراچي ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ اٽڪل 100 گريجوئيٽس ۽ پوزيشن هولڊرز کي سنڌون ۽ انعام ڏنا ويا. تقريب ۾ گريجوئيٽس، سنڌن خاندانن، فيڪلٽي ميمبرن، بورڊ آف گورنرز جي ميمبرن، اڪائونٽنسي جي شعبي جي سينيئر ماهرن ۽ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي. تقريب سان مهمان خاص طور خطاب ڪندي جناب مياندار راهوجو گريجوئيٽس ۽ پوزيشن هولڊرز کي مبارڪباد ڏني. هن سنڌن ڪاميابي جي پويان والدين ۽ خاندانن جي قربانين ۽ سهڪار کي بہ خراج تحسين پيش ڪيو. هن چيو تہ پيفا 1993ع ۾ آءِ سي اي پي، آءِ سي ايم اي پاڪستان ۽ آڊيٽر جنرل آف پاڪستان جي ڪاتي گڏجي قائم ڪيو. هن ٻڌايو تہ پيفا انٽرنيشنل فيڊريشن آف اڪائونٽنٽس (IFAC) جو مڪمل ميمبر آهي ۽ پاڪستان ۾ پبلڪ فنانس ۾ مهارت رکندڙ واحد پروفيشنل اڪائونٽنسي ادارو آهي. هن وڌيڪ چيو تہ گريجوئيٽس هاڻي 9 هزار 300 کان وڌيڪ ميمبرن ۽ لڳ ڀڳ 39 هزار شاگردن جي برادريءَ جو حصو بڻجي رهيا آهن. جناب راهوجو چيو تہ بجيٽ جي هر مد جي پويان ڪو انساني مقصد هوندو آهي. اهو اسڪول هجي، اسپتال هجي يا ڪنهن سرڪاري ملازم جي پگهار. هن چيو تہ جڏهن عوامي پئسو ايمانداريءَ سان استعمال ٿئي ٿو تہ اهو رستن، ڪلاس رومن، صاف پاڻي ۽ شهرين جي عزت ۾ بدلجي وڃي ٿو. هن گريجوئيٽس کي تلقين ڪئي تہ هو پنهنجي ڪم کي قومي خدمت سمجهن. جيڪا شهري جي هڪ هڪ رپئي جي حفاظت ڪري ٿي. پيفا جي بنيادي قدرن تي زور ڏيندي هن ايمانداريءَ کي هڪ پروفيشنل جي اصل قابليت قرار ڏنو. هن چيو تہ "توهان جي صحيح توهان جي ساک آهي. ۽ ساک ئي اهو واحد اثاثو آهي جيڪو هڪ دفعو وڃائجي وڃي تہ وري ٺهي نٿو سگهي." هن نوجوان ماهرن کي ياد ڏياريو تہ عوامي پئسو سڀ کان وڏي امانت آهي. ڇو تہ اهو هر شهري جو آهي. شعبي ۾ اچي رهيل تبديلين تي ڳالهائيندي جناب راهوجو انٽيگريٽيڊ فنانشل مئنيجمينٽ سسٽمز، اي پروڪيورمينٽ، ڊيٽا اينالٽڪس، آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ IPSAS ۽ IFRS جهڙن بين الاقوامي معيارن جو ذڪر ڪيو. هن گريجوئيٽس کي سکڻ جو سلسلو جاري رکڻ ۽ مضبوط پيشہ ورانہ فيصلي جي صلاحيت پيدا ڪرڻ جي تلقين ڪئي. هن چيو تہ بهتر بجيٽ سازي، مضبوط اندروني ڪنٽرول، بروقت آڊٽ ۽ شفاف خريداري پاڪستان جي مالي چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ ضروري آهن. هن وڌيڪ چيو تہ ڪراچي ۽ سنڌ کي سرڪاري ۽ نجي ٻنهي شعبن ۾ فرض شناس ماهرن جي ضرورت آهي. هن گريجوئيٽس کي صلاح ڏني تہ هو وقت جا پابند ۽ ڀروسي جوڳا بڻجن. مالي ۽ خريداري جا ضابطا پاڻ پڙهن، مڪمل دستاويزي رڪارڊ رکن. پنهنجي جونيئرن جي رهنمائي ڪن ۽ عاجزي اختيار ڪن. هن ايمانداريءَ جي بنياد تي هڪ مضبوط پروفيشن جوڙڻ لاءِ پيفا جي قيادت، فيڪلٽي ۽ عملي جي ڪوشش کي ساراهيو. تقريب سان پيفا جي صدر جناب عثمان احسن بہ خطاب ڪيو. جڏهن تہ پيفا جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر جناب امداد علي شيخ بہ تقريب ۾ موجود هئا. تقريب يادگاري تحفن جي پيشڪش، گروپ فوٽو ۽ شڪريي جي ڪلمن سان پڄاڻيءَ تي پهتي.

### بقايا عوامي سوچ 25

ن پلانٽ جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي هن عدالتي احاطي ۾ ٻوٽو پوکي وڻڪاري پڻ ڪئي. جڏهن تہ آر او پلانٽ جي افتتاح کانپوءِ پاڻ پاڻي پي ان جي معيار جو جائزو ورتو. چيف جسٽس سان گڏ جسٽس رياضت علي ساهڙ، جسٽس جان علي جوڻيجو، جسٽس محمد همايون خان ۽ ٻيا جج پڻ موجود هئا. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڄامشورو شاهد احمد اعوان، ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري، ڄامشورو بار ايسوسيئيشن جو صدر حيدر علي انڙ، سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر مير احمد منگريو، سنڌ هاءِ ڪورٽ جو رجسٽرار آصف مجيد قريشي، سينيئر وڪيل ۽ ٻيا عدالتي عملدار پڻ موجود هئا. ڄامشوري سميت مختلف عدالتن ۾ ترقياتي ڪم مڪمل ڄامشورو ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن کي خطاب ڪندي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت چيو تہ گذريل دوري دوران عدالتن ۾ ترقياتي ڪمن بابت ڪيل واعدا ڇهن مهينن جي مختصر عرصي ۾ پورا ڪيا ويا آهن. هن منصوبن جي تڪميل ۾ چيف جسٽس آف پاڪستان، ايڪسس ٽو جسٽس پروگرام، لاڳاپيل ترقياتي ادارن ۽ پنهنجي ٽيم جي ڪوشش کي ساراهيو. هن ٻڌايو تہ ايڪسس ٽو جسٽس پروگرام تحت سنڌ جي سمورين عدالتن ۾ سولر سسٽم نصب ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ اي لائبريرين جون سهولتون پڻ فراهم ڪيون ويون آهن. جديد ٽيڪنالاجيءَ تي ٻڌل انهن سهولتن سان وڪيلن کي قانوني تحقيق ۽ عدالتي معاملن جي انجام ۾ مدد ملندي. چيف جسٽس موجب ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ڄامشورو ۾ مجموعي طور 12 ڪلوواٽ جو سولر سسٽم، اي لائبريري، عورتن جو سهولت مرڪز، انتظارگاهہ، گڏجاڻين لاءِ ڪمرو، الڳ واش رومز ۽ اي ڪائوسڪ سميت مختلف سهولتون فراهم ڪيون ويون آهن. فيملي ڪورٽ لاءِ بہ ايئرڪنڊيشنر، فلٽريشن جي سهولت وارا اٺ اسٽيل واٽر ڪولر ۽ آر او واٽر پلانٽ پڻ فراهم ڪيو ويو آهي. مانجهند، سيوهڻ ۽ ٿاڻو بولا خان جي عدالتن ۾ بہ سهولتون چيف جسٽس ٻڌايو تہ مانجهند ڪورٽ ۾ 3 ڪلوواٽ، سيوهڻ ڪورٽ ۾ 6 ڪلوواٽ ۽ ٿي بي خان ڪورٽ ۾ 3 ڪلوواٽ جا سولر سسٽم نصب ڪيا ويا آهن. سيوهڻ، ٿاڻو بولا خان ۽ مانجهند جي عدالتن ۾ اي لائبريريون قائم ڪيون ويون آهن. جڏهن تہ سيوهڻ ۾ عورتن لاءِ سهولت مرڪز پڻ قائم ڪيو ويو آهي.

### بقايا عوامي سوچ 26

اپس رواني، حدڌخلين خلاف ڪارروائي لاءِ پهتل ٽيم خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ڪندڙن افضل شاهہ، گلزار شاهہ ۽ ايڊووڪيٽ گلزار خاصخيلي سميت ٻين شهرين الزام هنيو آهي تہ حدڌخلين خلاف ڪارروائي جي نالي تي مبينا طور ذاتي دشمني جو مظاهرو ڪيو پيو وڃي. جڏهن تہ شهر جي ٻين علائقن کي نظرانداز ڪري صرف مخصوص دڪانن کي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ جيڪڏهن شهر ۾ حدڌخلين خلاف ڪارروائي ڪرڻي آهي تہ اها بنا ڪنهن فرق جي ڪئي وڃي، جيئن قانون سڀني لاءِ هڪجهڙو نظر اچي. سندن چوڻ آهي تہ سڄي شهر ۾ جيڪڏهن غيرقانوني اڏاوتون موجود آهن تہ پوءِ صرف چونڊيل دڪانن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بابت سوال پيدا ٿين ٿا. هنن مطالبو ڪيو تہ حدڌخلين خلاف ڪارروائي دوران شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ ڪنهن بہ دڪاندار يا شهري سان ناانصافي نہ ڪئي وڃي. هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ احتجاج ڪندڙن جي خدشن جو نوٽيس وٺي معاملي جي غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ قانون موجب سموري شهر ۾ هڪجهڙي پاليسي اختيار ڪئي وڃي، جيئن ڪنهن بہ شهري کي ذاتي دشمني يا انتقامي ڪارروائي جو شڪار ٿيڻ جو خدشو نہ رهي.

### بقايا عوامي سوچ 27

، اڏيرولال پوليس جي ڪارروائي، اغوا ٿي ويل نوجوان سنيل ڪمار کي سيهوڻ شهر مان بازياب ڪرايو ويو ايس ايچ او اڏيرولال خليل الله رحمان ۽ سندس ٽيم جي ڪوشش سان نوجوان جي بازيابي عمل ۾ آئي. نوجوان جي بازيابي تي سندس وارثن ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن تہ وارثن طرفان ايس ايچ او اڏيرولال خليل الله رحمان کي سنڌ جي ثقافتي سوکڙي اجرڪ جا تحفا پيش ڪري پوليس جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو. ان موقعي تي وارثن اڏيرولال پوليس ۽ ايس ايچ او خليل الله رحمان جا ٿورا مڃيندي چيو تہ پوليس جي فرض شناسي ۽ ڪوشش سبب سندن نوجوان خيريت سان بازياب ٿي گهر واپس پهتو آهي. واضح رهي تہ نوجوان جي بازيابي واري ڪارروائي اڏيرولال پوليس جي اهم ڪاميابي قرار ڏني پئي وڃي.

### بقايا عوامي سوچ 28

نهن خيالن جو اظهار تنظيم اسلامي جي امير شجاع الدين شيخ هڪ بيان ۾ ڪيو هن چيو تہ صوبي خيبر پختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ پوءِ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ سان ملڪ ۾ سياسي عدم استحڪام وڌڻ جو خطرو آهي حقيقت اها آهي تہ پاڪستان ۾ ماضي ۾ بہ مختلف صوبن ۾ ڪيترائي ڀيرا ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪيا ويا پر تاريخ شاهد آهي تہ انهن قدمن جو هميشہ ناڪاري نتيجو ئي نڪتو عوامي مينڊيٽ سان چونڊيل حڪومت کي گهر موڪلڻ سان نہ رڳو سياسي افراتفري پکڙجي ٿي پر عوام جو اعتماد بہ مجروح ٿئي ٿو جنهن ملڪ ۾ عوامي بيچيني وڌي وڃي هن ملڪ ۾ عوامي بيچيني وڌي وڃي هن ملڪ ۾ عوامي بيچيني وڌي وڃي ن ملڪ ۾ عوامي بيچيني وڌي وڃي ان جي سلامتي خطري ۾ پئجي سگهي ٿي هن چيو تہ ان ۾ ڪو بہ شڪ ناهي تہ پاڪستان هڪ عرصي کان دهشتگردي جو شڪار آهي ملڪ ۾ جاري دهشتگردي جا ڪيترائي سبب آهن جن ۾ ماضي ۽ حال جي حڪومتن جون پنهنجون غلطيون ۽ ڀارت جهڙي دشمن همسايہ ملڪ جون سازشون سرفهرست آهن هن چيو تہ ڪلڀوشن ياديو جي گرفتاري ثابت ڪري ڇڏيو هو تہ ڀارت پاڪستان ۾ جاري دهشتگرد نيٽ ورڪ جو اصل سرپرست آهي پر افسوس جو ڪلڀوشن ياديو کي ڏنل موت جي سزا تي اڄا تائين عمل نہ ڪيو ويو آهي امير تنظيم چيو تہ ملڪ ۾ موجود دهشتگردن ۽ انهن جي سهولتڪارن کي وڏن فوجي آپريشنز جي بدران سمورن اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ وٺي انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز ذريعي پنهنجي منطقي انجام تائين پهچايو وڃي ماضي جي وڏن فوجي آپريشنز ۾ دهشتگردن سان گڏ عوام کي بہ وڏي پيماني تي نقصان پهتو آهي. ان ڪري وڏي فوجي آپريشن کان پاسو ڪيو وڃي عوام جي محرومين جي ازالي لاءِ فوري قدم کنيا وڃن امير تنظيم مطالبو ڪيو تہ پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرپرست ڀارت کي عالمي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ سمورا موجود وسيلا ۽ ذريعا استعمال ڪيا وڃن تہ جيئن ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل طور تي خاتمو آڻي سگهجي

### بقايا عوامي سوچ 29

قربانين کي سلام پيش ڪريون ٿا. شهيدن جي قرباني هميشہ ياد رکي ويندي

نمائندا گهرجن
هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

## گمبٽ هيلٿ سٽي حڪومت سنڌ جو هڪ بين الاقوامي سطح جو ميگا پراجيڪٽ آهي: رحيم بخش ڀٽي

جنهن جو باضابطہ اعلان چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي جناب بلاول ڀٽو زرداري وڏي وزير سنڌ سان گڏ ڪيو هو

صوبي ۾ صحت جي وڌندڙ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي هن هيلٿ سٽي پراجيڪٽ لاءِ لڳ ڀڳ 1300 ايڪڙ زمين مختص ڪئي ويندي

آئون سنڌ جي عوام لاءِ 100 سالن کان وڌيڪ جو صحت جو منصوبو ٺاهي رهيو آهيان. ڊاڪٽر ڀٽي وضاحت

گمبٽ (ٽر) گمبٽ هيلٿ سٽي حڪومت سنڌ جو هڪ بين الاقوامي سطح جو منصوبو ڊائريڪٽر گمبٽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز گمس ڊاڪٽر رحيم بخش ڀٽي چيو آهي تہ گمبٽ هيلٿ سٽي حڪومت سنڌ جو هڪ بين الاقوامي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

GIMS
GAMBAT INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES
ESTABLISHED 2007 • GAMBAT, SINDH

## پروفيسر عبدالسميع پنيرو پروفيسر نذير احمد پنيرو استاد محمد صالح پنيرو وڏيرو الهورايو پنيرو عبدالصمد پنيرو جي مان هڪ پروقار آجيان

وڏيرو الهورايو پنيرو عبدالصمد پنيرو جي مان هڪ پروقار آجيان پارٽي ڏني وئي ۽ آيل مهمان جو شاندار استقبال ڪيو

آيل مهمانن کي سنڌ جي ثقافت موجب اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا جڏهن تہ ڊنر جو بندوبست ڪيو ويو

ان موقعي تي اشرف ٽانوري خليل احمد رفيق احمد لياقت احمد ٻڙدي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا آخر ۾ آيل مهمانن پاران محمد مٺل جا ٿورا مڃيا

گمبٽ (ٽر) ڏيپارجا پرسان ڳوٺ قائم الدين جي معزز شخصيت محمد مٺل پاران سابق ڊي اي او خيرپور پروفيسر عبدالسميع پنيرو پروفيسر نذير احمد پنيرو استاد محمد صالح پنيرو وڏيرو الهو رايو پنيرو عبدالصمد پنيرو جي مان هڪ پروقار آجيان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

## پبلڪ اسڪول ميرپور خاص جي بورڊ آف گورنر جي گڏجاڻي

سيف پاران ملندڙ سالانہ اسڪالر شپ بجيٽ کي روائيز ڪرڻ بابت غور

بجيٽ کي روائيز ڪرڻ لاءِ اعلي اختيارين سان ڳالهايو ويندو ۽ روائيز اسڪالر شپ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) چيئرمين بورڊ آف گورنر ۽ ڊويزنل ڪمشنر شهمير خان ڀٽو جي صدارت هيٺ ڪمشنر ڪميٽي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

## ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌي ٻولي جي بهترين شاعر غلام نبي "شاعر" خاصخيلي سان ادبي رهاڻ ۽ لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ تقريب

غلام نبي "شاعر" خاصخيلي مڃيادار شاعر آهي، هن جي وجود ۾ سنڌي شاعريءَ سان انس ۽ محبت قابل رشڪ آهي

هو بدني بناوت ۾ گوتم ٻڌ جي ڀڪشوجيان ۽ ميران ٻائي جي هانٺي جهڙو آهي

پر سندس تخيل ۾ وڏي اڏام ۽ گهرائي آهي. هو گهٽي طعام ۽ ڪلام کان پرهيز ڪندڙ شخص آهي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌي ٻولي جي بهترين شاعر غلام نبي "شاعر" خاصخيلي سان ادبي رهاڻ ۽ لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ تقريب غلام نبي "شاعر" خاصخيلي مڃيادار شاعر آهي، هن جي وجود /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

## نوري آباد، سهراب ڳوٺ کان ڪراچي تائين هر اڌ ڪلاڪ بعد سنڌ AC وين سروس اچڻ ۽ وڃڻ لاءِ شروع

جنهن پرسڪون ماحول ۾ عوام پنهنجو سفر ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. شاهجهان بروهي

ٽنڊو محمد خان، جهرڪ، جهمپير، نوري آباد جي عوام جي تڪليفن کي مد نظر رکندي انهن کي اها سفر جي بهتر سهوليت مهيا ڪئي وئي آهي

جيئن عوام وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهي. ٽرانسپورٽ ضلعي ٺٽي جي صدر شاهجهان بروهي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) عوام کي سفر جو بهتر سهولتون ميسر ڪرڻ لاءِ نئين شروع ٿيل سنڌ ACوين سروس ٽنڊو محمد خان تو ڪراچي جي سرپرست، ٽرانسپورٽ ضلعي ٺٽي جي صدر، بروهي وين سروس ضلعي ٺٽي جي آرگنائيزر شاهجه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5


سرپرست مير شهمير رند شاهجهان بروهي
سنڌ A/C وين سروس
مينيجر: اسد الله رند
0313-0311840
0305-1942542
ٽنڊو محمد خان کان ڪراچي
مينيجر قاسم سولنگي
براستہ: جهمپير، نوري آباد، سهراب ڳوٺ هر 30 منٽ کان پوءِ سروس
سرپرست وڏيرو حبيب الله ملاح

## شاعر اهلبيت سيد باقر علي شاهه بخاري جي 34 هين ورسي جي موقعي تہ سندس ٻن پائرن پاران ايصال ثواب لاءِ هڪ مجلس عزا

ڳوٺ مقيم شاهه بخاري پليجاڻي ۾ منقد ڪيو ويو جنهن کي حجتہ الاسلام والمسلمين علامہ دوست علي سعيدي لغاري صاحب خطاب ڪيو

جنهن ۾ علمي ادبي، مذهبي شخصيتن کان علاوه، رشتيدارن، دوستن، مومنن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

بانيان مجلس، سيد امداد علي شاهه، ارشاد علي شاهه ۽ جونيئر باقر علي شاهه بخاري هئا، مجلس جي آخر ۾ نگر تقسيم ڪيو ويو

مٽياري (تعلقہ رپورٽر غلام نبي چنو) پليجاڻي ۾ صحافي ۽ شاعر اهلبيت سيد باقر علي شاهه بخاري جي 34 هين ورسي جي موقعي تہ سندس ٻن پائرن پاران ايصال ثواب لاءِ هڪ مجلس عزا، ڳوٺ مقيم شاهه بخاري پليجاڻي ۾ منقد ڪيو ويو جنهن کي حجتہ الاسلام والمسلمين علامہ دوست علي سعيدي لغاري صاحب خطاب ڪيو جنهن ۾ علمي ادبي، مذهبي شخصيتن کان علاوه /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

## لوڻي ڪوٽ، 32 ميل، 35 ميل، 36 ميل، 37 ميل، سپر هاءِ وي، نوري آباد سميت آسپاس جي علائقن ۾ ڪلي عام سموري منشيات جو وڪرو

وڪرجيان جاري ٿيڻ ڪري وڏن ماڻهن سميت ٻارڙا ب ان جا عادي بڻجي ان مرض ۾ مبتلا ٿي پنهنجون زندگيون تباهه ڪرڻ لڳا

حد جي پوليس توڙي انتظاميہ منشيات فروشن سان ڀاڱي ڀائيوار هجڻ ڪري انهن خلاف ڪا بہ ڪاروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي

جنهن ڪري ڪلي عام وڪرو ٿيندڙ ماوا، گٽڪو، سفينا، زيڊ ماوا، چرس، شراب، ٺرو، آئس سميت سموري منشيات کي ٻنجوڏيئي منشيات فروشن کي گرفتار نہ ڪيو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي ضلعي سميت ٺٽي جي ڪوهستاني پٽي جهمپير، چنگهڙي، لوڻي ڪوٽ، 32 ميل، 35 ميل، 36 ميل، 37 ميل، سپر هاءِ وي، نوري آباد سميت آسپاس جي علائقن ۾ ڪلي عام سموري منشيات جو وڪرو وڪر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

## ڄاموٽ محلي مٽياري جي رهواسي 10 سالا معصوم نياڻي وجيها ولد ارسلان ميمڻ پرسرار نموني لاپتا

سندس مائٽن موجب وجيها گذريل ڏينهن جيئن گهران شيءِ وٺڻ لاءِ نڪتي آهي غائب ٿي وئي آهي واپس گهر نہ پهتي آهي

جنهن لاءِ اسان سخت پريشان آهيون وس وارن ۽ شهرين کي اپيل تا ڪيون تہ نياڻي جي ڳولا ۾ مدد ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي

مٽياري (تعلقہ رپورٽر غلام نبي چنو) ڄاموٽ محلي مٽياري جي رهواسي آهي 10 سالا معصوم نياڻي وجيها ولد ارسلان ميمڻ پرسرار نموني لاپتا سندس مائٽن موجب وجيها گذريل ڏينهن جيئن گهران شيءِ وٺڻ لاءِ نڪتي آهي غائب ٿي وئي آهي واپس گهر نہ پهتي آهي جنهن لاءِ اسان سخت پريشان آهيون وس وارن ۽ شهرين کي اپيل تا ڪيون تہ نياڻي جي ڳولا ۾ مدد ڪري پريشاني ختم ڪئي وڃي



## ٽريفڪ جو نظام درهم برهم، شهري سخت پريشان، منٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ طئي ڪرڻ تي مجبور

ميرپورخاص شهر ۾ ٽريفڪ جو نظام درهم برهم ٿي ويو جنهن سبب شهري سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا

چنگچي رڪشا بيهارڻ سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ ۽ بدترين ٽريفڪ جام روز جو معمول بڻجي ويو

ميرپورخاص (بيوروچيف سومارسميجو) ٽريفڪ جو نظام درهم برهم، شهري سخت پريشان، منٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ طئي ڪرڻ تي مجبور ميرپورخاص شهر ۾ ٽريفڪ جو نظام درهم برهم ٿي ويو، جنهن سبب شهري سخت پريشان/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

## سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ طرفان استاد بخاريءَ جي ياد ۾ ميڙاڪو ٿي گذريو

استاد بخاري نہ رڳو شاعر هو پر هن نثر ۾ بہ قلم ملهايو ۽ ٻالڪ ادب تي ڪتاب لکيو: سائر ڀاڏوجو

استاد بخاري سنڌ جو اهو يگانو انقلابي شاعر هو، جنهن نوجوانن ۾ اتساهه پيدا ڪيو: خيال ڪتري

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) سنڌي ادبي سنگت شاخ مٽياريءَ طرفان استاد بخاريءَ جي ياد ۾ ميڙاڪو ٿي گذريو استاد بخاري نہ رڳو شاعر /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

## راشد شاهه پاڏائي جي اڳواڻيءَ ۾ قافلو پير پٺو پهچي توڙهي قائد جي شهيد مالڪ خشڪ کي ڀيٽا پيش

رسول بخش ملاح، شهزاد شاهه پاڏائي، اسحاق ملاح، فياض شاهه سميت سوين ڪارڪن قافلي ۾ شريڪ هئا

قومپرست اڳواڻ سيد راشد شاهه پاڏائي شهيد مالڪ خشڪ کي ڀيٽا پيش ڪندي سندس قربانين کي ياد ڪيو

گهوڙاٻاري (سيدشاهه خالدڏاتاري) قومپرست اڳواڻ ور راشد شاهه پاڏائي جي اڳواڻيءَ ۾ سوين ڪارڪنن تي مشتمل قافلي پير پٺو پهچي شهيد م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

## غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي ڪراچي اولہ پريس ڪلب جي ٽيم جا ضلعي ويسٽ جي مختلف ٽائونن جا دورا

غريب ۽ مسڪين ماڻهن سان ملاقاتون غربت جو خاتمو رڳو نعرا هڻڻ سان ممڪن ناهي

جيئن ڪو بہ غريب خاندان بک، بيروزگاري ۽ بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ڏکيائين جو شڪار نہ ٿئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن تي ڪراچي اولہ پريس ڪلب جي ٽيم جا ضلعي ويسٽ جي مختلف ٽائون/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

## دادو ۾ جشن عيد ميلادالنبي ص جو عظيم الشان جلسو، عاشقان رسول ص جي وڏي شرڪت

نبي ڪريم ص جي سيرتِ طيبہ انسانيت لاءِ روشن مثال آهي، محبت، امن، ڀائيچاري ۽ انصاف کي هٿي ڏني وڃي: مقرر

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو جي دل اسٽيشن روڊ تي جشن عيد ميلادالنبي ص جي سلسلي ۾ هڪ عظيم الشان ۽ روح پرور جلسو منعقد/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

## صنعان خان قريشي جي پير پٺي آمد، شهيد مالڪ خشڪ جي مزار تي حاضري، سنڌ جي وسيلن جي تحفظ جو عزم

جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي قافلي سميت ور شهر پهتو

جتي جسقم ضلعي صدر غلام نبي ڪٽي جي اڳواڻي ۾ سوين ڪارڪنن سندس شاندار استقبال ڪيو

گهوڙاٻاري (رپورٽ: سيد شاهه خالد ڏاتاري) جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي قافلي سميت ور شهر پهتو، جتي جسقم ضلعي صدر غلام ن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

## چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ جو دورو، عورتن جي سهولت مرڪز جو افتتاح

عورتن کي عدالتي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اهم قدم، چيف جسٽس جون عدالتي آفيسرن ۽ ضلعي بار جي ميمبرن سان ملاقاتون

ضلعي بار جي ميمبرن سان ملاقاتن سميت عورتن جي سهولت مرڪز جو افتتاح خاص اهميت جو حامل رهيو

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جو ضلعي ۽ سيشن ڪورٽ جو دورو، عورتن جي سهولت مرڪز جو افتتاح /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

## ينگ ڊاڪٽر ايسوسيئيشن، پيراميڊيڪل اسٽاف، آپڪا هيلٿ، نرسنگ اسٽاف جي گڏيل جوائنٽ ايڪشن ڪميٽي جو احتجاج

ڊاڪٽر پيشو هڪ مسيحائي پيشو آهي، ڊاڪٽر ڪڏهن بہ ڪنهن مريض کي مارڻ جو سوچي بہ نٿو سگهي

ڊاڪٽر پيشو اهو آهي جنهن مريض مان گهر وارا بہ تنگ ٿي تا پون ان جي خدمت بہ اسان سان سلهاڙيل عملو ۽ ڊاڪٽر ڪندا آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) حيدرآباد ۾ ڊاڪٽر مٿان ٽيندڙ ڪيس خلاف سول اسپتال ٺٽي ۾ ينگ ڊاڪٽر ايسوسيئيشن، پيراميڊيڪل اسٽاف، آپڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

## ڊپارٽمينٽ آف ايمپاورمينٽ آف پرسنز وٿ ڊس ايبليٽيز (DEPD) سکر ريجن جي آفيس ۾ هڪ اهم اجلاس

اجلاس ريجنل ڊائريڪٽر عبدالقدوس ميمڻ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيو، جنهن ۾ رانديـن جي مقابلن، رانديگرن جي شرڪت

افتتاحي ۽ اختتامي تقريبن سميت مختلف انتظامي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) سنڌ اسپيشل گيمز سکر 2026ع جي انتظامن ۽ تيارين کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ ڊپارٽمينٽ آف ايمپاور/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

## بار هيٺ دٻجي ٻن سالن کان گم ٿيل پورهيت انور حسين سومرو جو اڄ تائين ڪو ڏس پتو نہ ملي سگهيو

ٽن نياڻين جي پيءُ جي واپسي لاءِ گهروارن ۽ معصوم ڌيءُ جون روئي روئي ايس ايس پي ٺٽو ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کي اپيلون

ٺٽو شهر جي محلي جو هڪ غريب پورهيت، جيڪو پنهنجي ٻچن لاءِ ننڍڙو خواب ڏسي بينڪ مان قرض کڻي ٿو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو شهر ۾ انساني الميو، قرض جي بار هيٺ دٻجي ٻن سالن کان گم ٿيل پورهيت انور حسين سومرو جو اڄا تائين ڪو ڏس پتو نہ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

## مٺي جي ڳوٺ پڪوئو ۾ رت جي رشتن کي باهه ڀاءُ هٿان ڀاءُ قتل قاتل جوابدار گرفتار

امرت ولد اميدو ميگهواڙ ننڊ ۾ ستل پنهنجي وڏي ڀاءُ پمن ولد اميدو ميگهواڙ کي مٿي تي لٺين جا وار ڪري مغز ڦاڙي وڌو

جنهن کي نازڪ حالت ۾ سول اسپتال مٺي کان ڪراچي جي ٽراما سينٽر ۾ داخل ڪيو ويو

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) تعلقي مٺي جي ڳوٺ پڪوئو ۾ رت جي رشتن کي باهه ،ڀاءُ هٿان ڀاءُ قتل قاتل جوابدار گرفتار خبر مطابق بہ ڏينهن اڳ ڳ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

## فقيرآباد ۾ سينيئر تعليمدان، ليکڪ استاد آصف لاکائي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاج

فقيرآباد: وفا جاگيراڻي، فريد خاصخيلي، علي رضا شيخ، طارق جتوئي، نواز شنباڻي، ۽ ٻين طرفان مظاهرو ڪيو ويو

استاد آصف لاکائي هڪ سماج سڌارڪ انسان آهي، جيڪو هميشہ سنڌ جي هر مسئلي تي حق سچ جو آواز بڻجي لکندو آهي جنهن مٿان داخل ڪيل ڪيس جي مذمت ڪيون ٿا: اڳواڻ

فقيرآباد: پوليس ڪرمنل رڪارڊ رکندڙ ماڻهن مٿان ڪيس داخل ڪرڻ بجاءِ استاد آصف لاکائي تي ڪيس داخل ڪيو آهي، هي ڪيس ختم نہ ڪيو ويو تہ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو: چتاءُ

گمبٽ (رپوٽر تي ر) فقيرآباد ۾ سينيئر تعليمدان، ليکڪ استاد آصف لاکائي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف پريس ڪلب فقيرآباد اڳيان سماجي تنظيم، سول سوسائٽي طرفان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

## ضلعي جي ڳوٺ ڪنڊواسٽاپ جي رهواسي علي اڪبر مريءَ احتجاج

ان جي پٽ قاضي ارسلان ۽ سندن مينيجر حسين بخش لاکووارن گڏجي ڪنڊواسٽاپ تي قاضي آباد ٽائون جي نالي سان پلاٽنگ ڪئي

توهان پلاٽ خريد ڪريو توهان کي پاڻي بجلي گئس ڊرينيج صحت تعليم مدرسو پارڪ مسجد اسڪول سميت سڀ سهولتون ڏنيون وينديون

جنهن بعد اسان ماڻهن گهر جو مال سون ڪپائي قرض کڻي پلاٽ خريد ڪيا پلاٽ جا مڪمل پئسا ڏيڻ باوجود مون کي پلاٽ جي رجسٽري ڪاغذ نہ ملي سگهيا

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ضلعي جي ڳوٺ ڪنڊواسٽاپ جي رهواسي علي اڪبر مريءَ احتجاج ڪندي ڏانهيندي الزام هڻندي چيو آهي تہ ڪافي سال اڳ ۾ هالا پراڻہ جي رهواسي قاضي شوڪت علي قريشيءَ ان جي پٽ قاضي ارسلا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

## ڀٽ شاهه پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو، هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار، ٻہ ڇٽا فرار

ڀٽ شاهه پوليس ڳوٺ درياءَ خان ٽالپر پرسان شهرين کان ڦر ڪندڙ مبينا جوابدارن خلاف ڪارروائي

هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو، جڏهن تہ ٻہ جوابدار فرار ٿي ويا

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ڀٽ شاهه پوليس جو ڌوهارين سان مبينا مقابلو، هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار، ٻہ ڇٽا فرار ڀٽ شاهه/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

## جماعت اسلامي ٿرپارڪر پاران ايم ڊي ڪيٽ 2026ع ۾ نمايان پوزيشنون ماڻيندڙ شاگردن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد

جنهن ۾ شاگردن، والدين، استادن ۽ شهرين شرڪت ڪئي. تقريب ۾ شاگردن کي ليپ ٽاپ، ڪمپيوٽر ۽ اعزازي شيلڊون ڏنيون ويون

ملڪ ۾ مهانگائي سبب غريب ٻن ويلن جي ماني لاءِ پريشان آهن ۽ اٽو 180 رپيا ڪلو وڪرو ٿي رهيو آهي

پنهنجي ٽائون چيئرمين واري 3 سالن جي دور ۾ هڪ رپئي جي بہ ڪرپشن نہ ٿيڻ ڏني، ڇاڪاڻ تہ نيت صاف هجي تہ بغير ڪرپشن جي بہ ترقي ممڪن آهي

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مگريو) جماعت اسلامي ٿرپارڪر پاران ايم ڊي ڪيٽ 2026ع ۾ نمايان پوزيشنون ماڻيندڙ شاگردن جي اعزاز ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن، والدين، استادن ۽ شهرين شرڪت ڪئي. تقريب ۾ شاگر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

## سيد مهربان علي شمسي سبزواري تبريزي جي مٽياري آمد، حضرت سخي هاشم شاهه رحہ جي مزار تي حاضري، شاندار استقبال

سيد جاني شاهه حسيني ۽ ٻين سادات سان گڏ صوفي بزرگن جي مزارن تي حاضري، چادر چاڙهي ملڪ جي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ دعائون

تاريخي صوفي بزرگن جي مزارن تي حاضري سنڌ جي روحاني، صوفي ۽ ثقافتي روايتن سان محبت ۽ وابستگيءَ جو خوبصورت اظهار قرار ڏني وئي

معزز شخصيتن سان گڏ انهن مقدس ماڳن تي حاضري ڏيڻ سندس لاءِ وڏي نعمت کان گهٽ ناهي

مٽياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) سيد مهربان علي شمسي سبزواري تبريزي جي مٽياري آمد، حضرت سخي هاشم شاهه رحہ جي مزار تي حاضري، شاندار استقبال سيد جاني شاهه حسيني ۽ ٻين سادات سان گڏ صوفي بزرگن جي مزارن تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

## ايمانداري پبلڪ فنانس جي ماهر جي اصل قابليت آهي: مياندار راهوجو

تقريب ۾ گريجوئيٽس، سندن خاندانن، فيڪلٽي ميمبرن، بورڊ آف گورنرز جي ميمبرن، اڪائونٽنسي جي شعبي جي سينيئر ماهرن ۽ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي

تقريب سان مهمانِ خاص طور خطاب ڪندي جناب مياندار راهوجو گريجوئيٽس ۽ پوزيشن هولڊرز کي مبارڪباد ڏني

هن سندن ڪاميابي جي پويان والدين ۽ خاندانن جي قربانين ۽ سهڪار کي بہ خراج تحسين پيش ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) ايمانداري پبلڪ فنانس جي ماهر جي اصل قابليت آهي، مياندار راهوجو پيفا جي 17هين گريجوئيشن تقريب سان خطاب پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ فنانس اڪائونٽنٽس (پيفا) جي 17هين گريجوئيشن تقري/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

## سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڄامشورو جو دورو

عورتن جي سهولت مرڪز، فيملي ڪورٽ ۾ ملاقاتن لاءِ مخصوص ڪمري ۽ آر او واٽر فلٽريشن پلانٽ جو افتتاح ڪيو

ان موقعي تي هن عدالتي احاطي ۾ ٻوٽو پوکي وڻڪاري پڻ ڪئي، جڏهن تہ آر او پلانٽ جي افتتاح ڪانپوءِ پاڻ پاڻي پي ان جي معيار جو جائزو ورتو

چيف جسٽس سان گڏ جسٽس رياضت علي ساهڙ، جسٽس جان علي جوڻيجو، جسٽس محمد همايون خان ۽ ٻيا جج پڻ موجود هئا

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڄامشورو جو دورو ڪري عورتن جي سهولت مرڪز، فيملي ڪورٽ ۾ ملاقاتن لاءِ مخصوص ڪمري ۽ آر او واٽر فلٽريش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڄامشورو: سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس جسٽس ظفر احمد راجپوت ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڄامشورو جو دورو ڪندي

## اڏيرولال ۾ حدخلين هٽائڻ لاءِ پهتل ٽيم خلاف شهرين جو احتجاج

اڏيرولال (رپورٽر) اڏيرولال وليج ۾ حدخلين کي هٽائڻ لاءِ پهتل ٽيم خلاف شهرين جو احتجاج، ٽيم و/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

## اڏيرولال پوليس جي ڪارروائي، اغوا ٿيل نوجوان بازياب

اڏيرولال (رپورٽر) اڏيرولال پوليس جي ڪاميابي، اغوا ٿيل نوجوان سنيل ڪمار سيهوڻ مان بازياب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

## ملڪ کي سياسي افراتفري طرف ڌڪڻ کان هر حال ۾ پاسو ڪيو وڃي: شجاع الدين شيخ

دهشتگردي جو خاتمو اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ وٺي انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز سان ئي ممڪن آهي

پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرپرست ڀارت کي عالمي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ سمورا موجود وسيلا ۽ ذريعا استعمال ڪيا وڃن تہ جيئن ملڪ مان دهشتگردي جي ناسور جو مڪمل طور تي خاتمو آڻي سگهجي

حيدرآباد (پريس رليز) ملڪ کي سياسي افراتفري طرف ڌڪڻ کان هر حال ۾ پاسو ڪيو وڃي چونديل صوبائي حڪومت کي برطرف ڪري گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ سان عوام ۾ بيچيني وڌندي دهشتگردي جو خاتمو تمام اسٽيڪ هولڊرز کي اعتماد ۾ وٺي انٽيليجنس بيسڊ آپريشنز سان ئي ممڪن آهي عوام جي محرومين جي ازالي لاءِ فوري طور تي قدم کنيا وڃن ا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

## 18 آڪٽوبر سانحي ڪارساز جي شهيدن کي سرخ سلام پيش

آڪٽوبر سانحي ڪارساز جي شهيدن جي عظيم قربانين کي سلام پيش ڪريون ٿا: فهيم خان چاچي

شهيدن جي قرباني هميشہ ياد رکي ويندي



ڪراچي (رپورٽر) 18 آڪٽوبر سانحي ڪارساز جي شهيدن کي سرخ سلام پيش انفارميشن سيڪريٽري، يوسي 3، وارڊ 2 چيئرمين، لوڪل زڪوات ڪميٽي فهيم خان چاچي چيو آهي تہ 18 آڪٽوبر سانحي ڪارساز جي شهيدن جي عظيم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29